Beed

پکِي اُڏاميو ديسِ

(هوءَ، تونُ ۽ مان)

منوهر بيديِ

ॐ

پکي اُڏاميو ديس

هوءَ تون ۽ مان

000033

سهڪار
پبليڪيشن
اُلهاس نگر
۴۲۱۰۰۵

منوهر بيدي

"هُنَ" جي نذر ... ...

اَ فسوس !

زمانې جون رسمون .

جنهنجو نالو .

ظاهر ڪرڻ جي به ،

اِجازت .

نه ٿيون ڏين !

وِيوگ ڪان وَئراڳ تائين:

نيڻن نيڻن کي ڇهيو ،

لڳو پريم جو روڳ !

روڳ نپي ڪندن ٿيو ،

بڻيو باهِ وِيوگ !!

هوءَ هوءَ هئي   تون تون آهين .

هوءَ خواب هئي   تون حقيقت آهين .

هوءَ حسرت هئي   تون حاصل آهين .

هن پيار سيکاريو   تو جيئڻ سيکاريو .

بچ

توهان ٻنهي جي حسين جلون ،

يکمشت ٿي .

صفحِ هستيءَ تي آندو :

مان



١

ڪنهن کي حال ٻُڌايان مان دل بيقرار جو .
مون آ ڪشمڪش ۾ ٿي زندگي سڄي گذاري .

اڄ ڇو منهن مان ڪسڪيو راز ڏٻايل دل جو .
موٽي وڃڻ جي واپس شايد آهه نياري .

تنهنجي ڳِلا ڪيان مان مجبور ٿي سوچيان ٿو .
وفا جي آس ۾ اڄ آ لڳي جفا پيي پياري .

تنهنجو حسن ڪري ٿو راز ڪشش جو ظاهر .
دل وانگر منهن پيي ڪئي مون سان آ غَدّاري .

٢

اُلفت جي سنسار جو آهي نيمُ عجيبُ !
ڪٿان جون ٿو دلبيون ڪٽي آٽي ڪٿي نصيب !!
مان هڪ بارُ غريب ، ڦاٿس تنهنجي نيهه ۾ !!

ڪل ڪهڙي مون کي هئي ، دل جا لکه آزار ،
رانديون بارا ٽيون اُهي ، ڏينديون روڳ هزار ،
چيندا سي ٿي خار ، ڦول لڳا جي پيار جا !

تنهنجي مُرڪ گلاب جيان ڏيئي وَئي فريبُ ،
منهنجي من جي موُج تي ڪِلي رهيو هو غيب ،
هو ڇا ڪوئي عيبُ ، منهنجيءَ اُن جذبات ۾ ؟

پَڪَ هُئي ملندو مون کي ، پيار جي بدران پيار ،
قدر وفا جو ڪجهه ڪندو هي ظالم سنسار ،
ڪين خبر هئي بارُ ، ٿيندو جذبو پيار جو !

٣٠ - ١٠ - ١٩٩٧.

پيارا متر ،

جڏهن وقت منهنجو ڪتاب هٿ ۾ کڻين
۽ پڙهڻ جي چاهنا چت ۾ ڏري کولين،
اُن وقت مون کي بلڪل - بلڪل ڀلائي ڇڏجانءِ!
مون کي ڀلائي ڇڏجانءِ ۽ ڪتاب سان هڪ ٿي
وڃجانءِ ته آنند پريا وچتر وچنن اُنڀوَ
پراپت ٿيندءِ! پاڻ کي هلڪو هلڪو ۽ مکت
محسوس ڪندين ڇو ته تنهنجي وچار ڌارا
تو کي ان استان ڏانهن وٺي ويندين. جتي
سنساري بوجهن جو نالو نشان به ڪونه آهي،
ڏهن ئي ڏسائن ۾ آنند مئه سنگيت جون لهرون
ترنگيمان آهن.

پيارا متر! مان (شرير) ته ويري وروڌ،
پڻ تنهنجي - پرائي جي ڀاونا غلاظت. اوگڻ،
دوش، سوارٿ، هٻڇ، لالچ، چالبازي،
فتنا گيري ۽ نامعلوم ڪهڙين ڪهڙين
خامين سان ڀريو پيو آهيان.

منهنجين رچنائن جي پريرتا منهنجي
شرير جون طلبون نه بلڪ آتمڪ اُجالا آهن
جن جو سنبنڌ ان شڪتيءَ سان آهي جيڪا
ڪڻ ڪڻ ۾ وياپڪ هوندي به ڏسڻ ۽
ڇهڻ جي حدن کان ڪافي - ڪافي
دور آهي.

۶

تنھنجون ٻانھون ڪاش! مون لئه ڪجھه سھارا ٿين ھا،
منھنجا ڳوڙھا تنھنجيءَ چنريءَ جا ستارا ٿين ھا.

ناز تنھنجا مون سنا جيئن ھر دفعي مرڪي ڪري،
تيئن ئي منھنجا عيب پڻ توکي گوارا ٿين ھا.

۷

ڪرين ھا جي ڪرم مون تي نه دل بيزار ٿئي ھا،
منھنجي ھر آرزو مون لئه نئي ھڪ آزار ٿئي ھا.

مجبوسي دل ڪان ٿي مجبور ويجھو ٿئين تون دشمن جي،
پنھنجا جلوه لڪائين ھا نه ڪو بيمار ٿئي ھا.

پرم تنھنجين وفائن جو مٽائڻ ڪين آ مشڪل،
پوءِ رسوا صرف عاشق ئي سرِ بازار ٿئي ھا.

عذر چاھي ڪرين ڪيڏا نه ھاڻي اعتبار ايندو،
ھجين ھا دل-شناس ته سڪ جو ھيئن واپار ٿئي ھا.

۸

نيٺ ھن نند ايندي توکي ڏسڻ بنا،
دل کي نه چئن ملندو ترقڻ لڀڻ بنا.

منھنجيءَ وفا ۾ توکي ڪجھه پڻ گمان جي آ،
ھر ڪو ستم مان سھندس ڪجھه پڻ ڪچڻ بنا.

روئان نه لوڪ ڪلندو، چپ ۾ ٿي دل جلي،
رستو بچيو نه آ ڪو مون لئه مرڻ بنا.

موٽڪي ڏک اِن جو فقط، تو به سمجهيو ڪين،
تو لئه ڪيترو پيار آ، اِن کي ڄاتو ڪين،
گلي سان لاتو ڪين، پنھنجي ديواني کي تو!

(٣)

تنھنجا نيڻ جھڪيا مس، گھٽجي وئي رفتار زماني جي
تو جي نھاريو رهي نه ضرورت دنيا کي مئخاني جي

مخروطي ڄاڻيءَ تان منڊي ۾ تنھنجي پوتي سرڪي وئي،
ڄڻ نه بدن تان، چانڊوڪيءَ جي لھر اچانڪ ترڪي وئي.

(٤)

ڏيھه تنھنجيءَ تي قبي تي ان طرح ساڙهي سفيد،
شمع تي ڄڻ ڪنھن وِڌو آ ڏس ته پاڻيءَ جو نقاب.

تون هميشه منھنجي پير ۾ وجھه پر شرمائجي،
حسن جي آسونءُ پارس آ لا اکڙين جو حجاب.

اپسرائون پي لڄي ٿي ڪيئن وڃي تو کان لڪيون،
تنھنجيءَ ھڪڙيءَ پي ادا جو نا ھيٺ ھُنِ ڪيئن جوابُ.

ايترا جلوه به ڇا اِنسان ۾ ٿي ٿا سگھن؟
تون حقيقت آھين پوءِ پي ٿي لڳين ڄڻ ڪوئي خوابُ

(٥)

نگاھون شربتي تنھنجيون زهر کان پي تلخ آھن،
نه پورو درد ٿيون بخشن نه پورو درد ٿيون لاھن.

ضرورت نا ھي ساوڻ جي بھارون پي نه ٿيون گھرجن،
اکين ۾ اشڪ آرب آھن، جگر تي داغ لکه آھن.

آهيان ڄاڻان بيقرار سٺارو پڇيو نه ڪُجهه،
دل آ شڪر هزار سٺارو پڇيو نه ڪُجهه.

ڇا ڇا ڏٺا نه خواب مون توسان ملڻ کان اڳ،
هر جذبو ٿيو آ بار سٺارو پڇيو نه ڪجهه.

قولن جي آڙوءَ ۾ مون پنهنجن هٿن سان ٿي،
پاتو ڪنڊن جو هار سٺارو پڇيو نه ڪُجهه.

ڏوها، فريب، اشڪ مليا. نفرتون مليون،
ڇا ٿيو مليو نه پيار، سٺارو پڇيو نه ڪُجهه.

سوچيان ٿو. تو مٿان ڇو مون دل ڪئي نثار،
منظر وڌو هو چار سٺارو پڇيو نه ڪُجهه،

تارن ۾ ماهتاب ۾ ڪنهن کي ٿو ڳولهيان،
ڪنهنجو آ انتظار سٺارو پڇيو نه ڪجهه.

١٢

درد واريءَ رات ۾ اڄ مان جلان ٿو شمع وانگر.

هاءِ، پروانن جيان پيا ٿا جلن ارمان دل جا.
۽ اُها ئي خاڪ منهنجي گيت جو سينگار آهي!
گرم ساهن جي هندوري ۾ لڏي هر گيت بولي:
چوڌاري ۾ ٿيو اڄ پيار ئي آزار آهي؟
سوز جي برسات ۾ اڄ مان جلان ٿو شمع وانگر!

اوچتو اڌ رات جو جاڳي ڪڏهن سوچيندو آهيان:
مان جلان ٿو يا جلي ٿي ياد تنهنجي سيني اندر!
ڇو ته تو کان الڳ ناهي منهنجو ڪوئي وجود،
ڇو ته تنهنجي ئي اڄوڪ سان دل ٻٽي آهي ۽ مندر!
ڇا پنهنجيءَ ئي تات ۾ اڄ مان جلان ٿو شمع وانگر!

8

مُردن جئان جيئڻ پر آهي مزو نه ڪو،
تن پر نه جانِ پوندي تنهنجي اچڻ بنا.

هيءَ باهه اُبره جي، گرمي هوس جي نه آ،
سڀ خاڪ ٿئي جلي ٿو، ڪجهه پيي جلڻ بنا.

٩

دل توکي سؤ بار پڪاري،
هر هر ويني وات نهاري.
چت چريو هئي اُچلون ڏيئي،
ويٺو لڪه لڪه ڳوڙها ڳاري.

١.
دل ڏيئي ڏکُ هوت پرايم. روڳ لڳو پر ڪين سڃاتم.
هوش نه ڏهن ڪجهه مون کي آيو. جڏهن مان وينس باري هار
دل توکي... ... ...
٢. ديپ جليو پتنگ جلن ٿا، خاڪ بڻجي هو پوبه کلن ٿا.
نينهن جي راهه رکن ٿا روشن. پاڻ ٿي پنهنجو پاڻ کي ساڙ
دل توکي ... ...
٣. مان به رڳان ٿو. مان به جلان ٿو. پنهنجو حال ٿي پاڻ کلان ٿ
پيڙي پيڙي درد سهان ٿو. ملن آس جي فقط سها
دل توکي ....

١٠

ياد ڪيان ٿو پلجڻ لئه پر توکي پلجڻ مشڪل آ.
پربت ناهي پٿر ناهي، هيءَ دل آخر پيي دل آ.

شمع جلي پل ڪيدي روشنيون. روپ تي رهجهي جڳه سا
پروانن لئه جلڻ منع هيءَ متوالن جي محفل آ.

عشق جو دريا، دل جي ڪشتي، اُبري آهه ٻڏڻ جي لئه
اڄ هرڪو ڪڍُ ٻيڙو آ آئڏي، طوفان هرڪو ساحل آ

١١

(11)

ٻنا آشڪن جي عشق آهي، جيئن پاڻيءَ ٻنا دريا،
وڳرنا عشق وارن سان اِئين بيداد ڇو ٿئي ها.

(١٥)

آسن جي هر بوند ۾ ڏٺم نينهن جو روپ،
پيو پيو آشڪن سندو عاشقو! امرت انوپ.

ناز هئو جنهن نينهن تي اُن ۾ ٻنا هيو ڪين،
جل ۾ ڪيئن جيئري رهي پرين جي پياسي مين.

قول ٿريا، پونئرا ڪليا، لڳو ڏکڻ جو واءُ،
ڪنهن ۾ سمجهائو ڪيئن ڪيي، مونا برهيءَ جو ڌاءُ.

اکڙين سان اڱڻ جي وبو، ٿنهنجي روپ جو چارُ،
جنڊڙيءَ سان جوڙي ويو، برهه جو پياري ٻارُ.

مِڙيا ميگهه سِنڌ ۾ ما، وسي برهه - برسات،
ڪلهه ميلاپ جو ڏينهن هو، اڄ روڏن جي رات.

اکڙين جون مکڙيون ٽڙيون، ڏسي بسنتي وارَ،
ويون سڀ اَڄ مُرجهائجي، ڇُپيا برهه جا خارَ.

اکڙين جون مکڙيون ٽڙيون، لڳو نينهن جو واءُ،
سڙي ٻري سڀ اڄ ويون، سهي برهه جو تاءُ.

سُتل سونهن جي سمنڊ ۾ اڀري ٻانور، جاڳُ،
چڙهُ در تون دلدار جو وڻ جهنگل جو ماڳُ.

(١٦)

خود شناسيءَ جو ٽٻو آغاز آ،
عشق ڇا هي؟ سوز جو پرواز آ.

• ماڻ: ڇا لاءِ منهنجي پيار کي چرچي ۾ اُڏايئه ؟
• هوءَ: ڇو عشق جو ٿي نالو وٺي خود کي لڄايئه ؟

• ماڻ: مون ڪيو آ پيار. پيار ۾ ليچ ڪرڻ جو مطلب ؟
• هوءَ: صورت ۾ نار بغير ڪشتي هرڻ جو مطلب ؟

• ماڻ: دؤلت جو. شڪل رنگ جو اُلفت سان ڪو رشتو ؟
• هوءَ: ڇا جو پوءِ پنهنجو غير جي چاهت سان ڪو رشتو ؟

• ماڻ: دل - دڳه ٿي ڪي پراوا ملي پنهنجا ٿين ٿا.
• هوءَ: عاشق سدائين حسن کي اِئين ڏوکا ڏين ٿا.

• ماڻ: ڏوکا ؟ مڙهيو ٿا عشق تي ڏوکي جو هه الزام !
• هوءَ: بدنام عشق آهه ازل کان ٿي سڀ عام !

• هوءَ: جي تاب نه آ عشق ۾ جلون کي سهڻ جي.
ڇو حسن جي آتش ۾ سُکَلَ جانءِ تون جلائين ؟

(١٤)

ملي ها پيار جي تنهنجو نه دل ناشاد ڇو ٿئي ها.
وڃي جي نه ها هسي مالي چمن برباد ڇو ٿئي ها.

محبت جي مقدر ۾ لکيل رسوائي هئي ورنا.
ڪوئي نخچير ڇو ٿئي ها، ڪوئي صياد ڇو ٿئي ها.

جگر تي داغ ٽپڪا ها. اکين مان وَسڪا ها گوڙها.
سناڻ جو نئون رستو ورنا ايجاد ڇو ٿئي ها.

ڪوئي جذبات جاڳائي لڪي ويو پوءِ نگاهن کان.
نظر جي دام جو قيدي نه نه نه آزاد ڇو ٿئي ها.

13

٢. وِڇايُون مُون پلڪُون رکي پيرَ اَ تُون،
پيمين سَچُ نه ڏُکَ ڏاڍا تو بِنِ سَنا مُون.
هلي آ، هلي آ، مَحبّت جي ديوي!
گُلا تُون ڪندس ڪين منهنجو مَنٽ جُون،
وڇوڙو به مون لئه پورءِ ورداڻ ٿيندو.
ڪڏهن ... ...

١٩

ڪڏهن ايندين، اُجهامڻ تي آ سمبني! جوت جيون جي،
وٺي آ تو سان گڏ وچڙي، سدوري! تند تيڻن جي.

١. ستارن کان اچي پيچ، ڪيئن مان وڦلان ٿو وِڇوڙي ۾،
لُڏن ٿا ڪيئن نه گوڙها هاءِ! اکڙين جي هندوري ۾،
رهي سُڌ ڪين آ مون کي، پراون جي ۽ پنهنجن جي،
وَٺي آ ... ...
٢. اِهو ئي ڏوهه ٿيو منهنجو، خطا پئي ٿي اِها آخر،
ڏٺم، چاهيم، وهاريم دل ۾. تو آ ڏو جهُڪايم سر.
ڏسي تو کي، خبر مون کي رهي هاءِ! ڪين تن من جي،
وَٺي آ ... ...

٢٥

ڪيترو مون سمجهايو دل کي، ڪر نه ديواني پيارُ،
گُلَ هردي جا ڏيئي نه وٺ رهي! تون ڪنڊن جو هارُ.

پرواني کي ملي پيار ۾ تن پنهنجي جي خاڪ،
هر شيءِ ڦرجي ويندءِ، رهندءِ رودن ٿي اُڌڪارُ.

بنا پيار جي سڦل نه ٿيندءِ جا جيون جو کيل؟
پيار به چاهي؟ ارمانن جو ٻل، ڪِن لئه آپيسارُ.

ذاري رهڻ کي پنهنجو سمجهڻ، روئي ڪاٽڻ رات،
۽ مسڪن جيان ٿاهڻ، ڊاهڻ آشنا جو سنسارُ.

توکي فرصت سببي لڳ ناهي مگر،
چاڪ چولي تي اسان کي ناز آ

ساز ڇيهون ٿيو، وڄامي هٿ ويا،
اڄ تصور ۾ فقط آواز آ.

پنهنجي فطرت آهه سجدي ۾ جهڪڻ،
بي نيازي تي هنن کي ناز آ.

ڪيئن جوان مان غير سان نسبت رکڻ.
دل جلائڻ جو نئون انداز آ.

(١٧)

سوگوارن کي سنائڻ ڇا لڳي ٿي توسنو،
عشق کي ڪل ۾ اڏائڻ ڇا لڳي ٿي توسنو.

شمع! جيڪي روپ تنهنجي تي وڃي خاڪ ٿي،
تن جو پاڳل پڻ تنائڻ ڇا لڳي ٿي توسنو.

بيزبان ٿي سڀ سهڻ ٿي عاشقن جو شان آ،
سور هر ڪنهن کي ٻڌائڻ ڇا لڳي ٿي توسنو.

(١٨)

ڪڏهن يار مون تي مهربان ٿيندو.
بيابان دل جو گلستان ٿيندو.

١. سهان ڏک ٻره جا سا طاقت نه آهي.
ڪيان دردي دانهون سا عادت نه آهي
ڪيان منٿ توهان ۾ ٻاڻه مڃ توڻ،
شڪايت ڪرڻ جي به همت نه آهي.
جي ايندين ته سڪ جو وڏو مان ٿيندو
ڪڏهن .. ..

هاءِ! تو قدر نه ڄاتو، خسُر!
دل کي ڪين سمجهاتو، خسُر!

(۲۴)

دل ننڍڙي مان وڃائي ويٺس تنهنجا وڏن وڏن نيڻن ۾.
تنهن به تون نه وئين ڦري هاءِ! ڪونه ڏٺم درشن سپنن ۾.

۱. توکي ڏسي مون هوش وڃايو.
تو پوئين جو پاند بچايو.
ڪين ترس ڪجهه توکي آيو،
درد جي ڏور پرايم تن-من ۾!
دل ... ...

۲. ڏيئي چار مُشڪ جا موتي.
پوءِ ڦريئه جيون جي جيوتي.
غم جا بادل هئڻ لڪايا.
ڪارن نيڻ ڏکن وارن ۾!
دل ... ...

۳. واجب هوءِ نه منهن کي موڙڻ،
نينهن جون تندون جوڙي توڙڻ،
چپ سان پيالي صرف ڇهائي.
داغ لڳائڻ دل-درپن ۾!
دل ... ...

(۲۵)

مون کي جوڙو نه گهٽو آهي.
پر توکي بڌڙو ڪجهه ناهي.
ڇا ڏسڻ جي لئه موني اينديءَ،
هڪ دل بي مون وٽ بيو ڇا آهي؟
چهرو بڻيل ويا وچري،
چنڊ تارا ڇو ڪوئي لهي؟
دل جي دنيا جي قسمت هاءِ!
ڪوئي ڦاهي، ڪوئي ڏاهي.

جُهنڊ ۽، تو کي ملندو هوندو جڏهن درد ۾ سوادُ،
ڌانهون ڪندين ته مزو پيو ڏيندءِ، چاهه جو چنبيل خانو،

٢١

ديهه جي ونَ کي ڏيئي پاڻي پالين جو تو،
ڪومل ڦلن سان ڀري! جوڀن سجايو آ.

انگه، چنڊ کي ڏٺي هٿ جي بادلن سان،
بيسرو تو سمبه جي ويڻ کي وڄايو آ.

هري ٿو پياسو ڪوئي ڌرم جو ڍونگه رچي،
رس جي دِلن کي تو لٽي ۾ لڪايو آ.

ياد رکه، جيون جو سٺان ٿي وهڻ ۾ آ،
ڏهي ۾ ٻيٽل سڪي! امرت به آڇايو آ.

٢٢

وشوج راهه ٿون، ڀنڀڻي نه پڇيم بيزار جو آهيان.
ڪنڊين ڇا نون پڌي راهي! فسانو عشق وارن جو!

ستارو! خوش رهو جو آسمان جي گود ۾ آهيو.
زمين تي ڪونه آ ڪوئي سهارو سوگوارن جو.

ڪنڊا ڇا هي ڇپن ٿا نه به جتي سگهندس وڏي وا
چمن ۾ چار پل موڙ پي مزو ماڻيو بهارن جو.

جي ڪشتي غرق ٿيڻي آ ته ساحل ڇا ڪري سگهند
اڃايو نالو بد موجن جو ۽ طوفان جي ڌارن جو

٢٣

درشن- جل بن جي ڪبير سگهند يون
ڪومل ميليون ٻراڻن جو ڪ!
لڪين ڪليل هٿ ٻرلا- عشاڻون
سجني! دل جي داڻن جون!

ڇهل قدمي ڪندي ـ مرڪي رهي هئي.

اننگهه ـ ديوتا روپ وٺي رتيءَ جي ڪومل ڏرس سان
پريل نشيلي ڦلن تي ـ پنهنجا پياسا ۽ تتل چپ رکي.
اکيون ٻوٽي ـ سنسار تي ـ جڙ ۽ چيتن تي ـ مشڪي مشڪي،
ڪامنا جا تير هڻي رهيو هو.
نديون سمنڊ ۾ ملڻ لڳيون. گل ڀونئرن ڏي نهارڻ لڳا.
ديپ پتنگن لاءِ وياڪل ٿي پيا. لتائون وڻن سان چنبڙڻ
لڳيون. پرڪرتي ـ پل پل بدلجندڙ ويس لاهي ـ پرش کي
ڳولهڻ لڳي. پتر هڪ ٻئي سان پاڻ گسائڻ لڳا. لهرون ڪنارن
سان سر ٽڪرائڻ لڳيون. اڳيات ـ يؤونا ـ گڏ ڪماريون،
ڪجهه محسوس ڪري شرمائجڻ لڳيون. گيات ـ يؤونا
بالائون هرڳ ـ ٻنهن ۾ مدرا پي راهگيرن کي چوڻ لڳيون:
' اُڀلي ڊپ ٿو ٿئي ري راهي! رات نه رهي وڃين! '
شادي شده جوڙا هڪ ٻئي کي ٻانهن جي جهولن ۾
جهولائڻ لڳا.
اَهڙي ئي اُتيڙڪ سمي ۾!
منهنجي وياڪل هردي،
وڌيڪ بيڪل ٿي پڪاريو:
'منهنجا پيار ..... !
ڇڻ ڇن ڇڻ ڇن ڇڻ ڇن ... ...
سنگيت جي سٽن ئي سُرن جو سرتاج، نه ته اُنهن کان
بلڪل الڳ، آئون سُر ـ ڪام جو سُر ـ پايل مان نڪريا،
منهنجيءَ جان مان جڻ ڪجهه ڇڪي ڪري ٻاهر
ڪڍي رهيو هو.
منهنجو پيار!
هڪ سندر جوڀن جي روپ ۾ منهنجي سامهون
بيٺو هو. منهنجو پيار!
مان خوشيءَ ۾ مدهوش ٿي ليٽي پيس!
هوءَ ويجهو اچي ويٺي!
مون سندس ٻانهن پڪڙي، ڪيس پنهنجي سيني سان

ٿون رکھ دامن کي صاف صفا.
پل ڪوئي اشڪ پيو واهي!

(٢٦)

• هاءِ! مون تي حسن وارو مهربان ٿيڻو نہ هو.
حسن منهنجيءَ زندگيءَ جو پاسبان ٿيڻو نہ هو.

• دل جو ڏئو ضرور مون ٻاريو آ اڄ مگر.
ٿوئي مون کي پڌايو نہ اُشڪن کي نيل ڪج.

• پريم ۾ جي پريم ئي اِنسان کي درڪار آ.
ڪو پڌائي ڇو هٿي تنوکر وئي مون کي صنم؟

• پُلائڻ بہ ڪنهن کي آ ڪيڏو ڏکيو.
پُلائڻ جي لئہ پيو عجبي ياد ٿو!

• اَمواج ۾ جو جوش آ ساحل ۾ سو ڪٿي!
جو لطف آ تلاش ۾ حاصل ۾ سو ڪٿي!

• دوريءَ ۾ ئي ٿي پائي سؤ رنگ عاسقي.
تون دل کان پري آهين ۽ دل مون کان پري!

(٢٧)

منهنجو وياڪل هردو!
جهڙيءَ طرح بادل بجليءَ کي گهٽي وقت تائين
پنهنجيءَ گنبير تا جي پردي ۾ نہ لڪائي سگهندا آ
جيئن ڪوئل پنهنجي ڪنٺ جي مڌرتا کي وسنت جي
مؤسم ۾ وس ۾ نہ رکي سگهندي آهي. ٺيڪ ان طرح
منهنجو وياڪل هردو بره جي دونهي کي اُميد ۽
مريادا جي ڍڪڻ سان وڌيڪ نہ ڍڪي سگهيو.

اُها بهار جي چنچل رت هئي جاڪير سان منهن ڏوئي
موتين سان جڙيل زلفن کي پکيڙي. مند مند چال سان

اُن وقت هوا جي چنچل ٻچ بيشمار هٿن، تنهنجيءَ
دبهه جي پارس کي منهنجين **اکين** جي لوڙه کان
دور رکندڙ پردي کي، آننت ۾ اُڏائي ڇڏيو!
مون ڏٺو :
تون ٿوڙو جهجهيل هئينءَ جيئن ڦل - ڦول پڌرا ٿيڻ ٿي کا
نازڪ ناري پنهنجي جوڀن جو چالڪ ٿي بار نه سهي
سگهڻ جي ڪري، هيٺ جهڪي جڻ دُنيا کي چوندي
آهي : همٿ ڪري ڏِسِ ته ڦل تنهنجا آهن!
تنهنجو ڪاڪو هٿ چنڊ تان آلي ڪارا بادل هٽائي
رهيو هو ۽ ساڄي هٿ ۾ لوٽو هو. جنهن مان
جل جي ڌارا نچا جي ٿيڻ مان ڏيري ڏيري نڪرندڙ
کين ڌارا وانگر نڪري، تنهنجيءَ مرمري دبهه تان
ترڪي، قدمن کي چمي رهي هئي!
اوشواس روپي واڙن جي ڪاريهر ۽ لهردار ٻلائن
جي منهن مان پاڻي زهر جيان ٽپڪي رهيو هو!

تنهنجين اکين جا پنور رُخسارن جي لالائي ڏسي
شرمائجي رهيا هئا ۽ اُهي شرم و حيا جي ڪارڻ
وڌيڪ رنگين ٿي ويا هئا. جڻ اونداهه ۾ اندر ڌنش
چمڪي رهيو هجي!

تنهنجا چپ نارنگيءَ جي رسيلي قاشن جيان ٿي لڳا
جن ڏانهن تنهنجي سڊول نڪ جو طوطو
حسرت ڀري نظر سان نهاري رهيو هو!

پر سڀ کان وڌيڪ ديوانو ڪندڙ تنهنجا پستان،
آخر ڇا هئا؟
ڇا اُهي ٻه ٺڪر بون هيون جن ٿي **ڪام** - ديوتا
پنهنجيءَ سڀنا سميت ڀي واسنا جا تير هڻي
رهيو هو؟
يا اُهي ٻه ڪومل منخر بون هيون جن مان

لڳائي، سندس خوابن اکين جي گلن کي چميت
جي ماڪ سان سينگاريو ۽ پوءِ هن ڏانهن ان طرح
نهاريم جڻ چئي رهيو هجان:
سالن جي اُڃ اڃان نه مٽجندي
اڄ ته هڪ ٻئي ۾ ملي
اُڃ ۽ آب کي گڏي ڇڏيون!
هن مُرڪ جي چانڊوڪي ڦهلائيندي،
پنهنجي بدن جا گل منهنجي سيج تي اڇلائي ڇڏيا!
آلا زلف، جن مان گنگا جل جون بوندون
ڏيري ڏيري ٽپڪي رهيون هيون،
منهنجي ڇاتي تي پکيڙي ڇڏيا!

اوچتو منهنجو سونهري سپنو واريءَ جي پٽ جيان اچي
پٽ پيو!
۽
گلبدنيءَ جي بدران منهنجيءَ ڇاتيءَ سان برهه جا
ڪنڊا چنبڙيا پيا هئا ۽ منهنجن ڳلن تي زلفن
مان ٽپڪندڙ گنگا جل بدران ڳوڙهن جا آڻ-
آڻ قطرا ها!!!

۲۸

تنهن ڏينهن جي ڳالهه آهي،
مان ڪوٺي تي ويٺو هوس.
۽ اکيون پنوڙن جيان - پياسن پنوڙن جيان -
تنهنجيءَ ديد جي ڦول کي ڳولهي رهيون هيون!
اوچتو تنهنجيءَ سنان - ڪوٺيءَ ۾ جڻ
چوڏس جو چنڊ مُرڪڻ لڳو.
دريءَ تي پيل سنهو پردو هوا ۾ لُڏڻ لڳو!
۽ پردي جي پٺيان
تنهنجي سون - ورني ديهه ديپڪ جيان
جهلمل ڪرڻ لڳي ۽ وارن جو دونهون اُڏامڻ
لڳو!

٣٢

منهن کي مليو تو خوب ڪيو غم نه مون کي آهي ،
تو آشڪ ڏٺي عشق جو مطلب آهي ٻڌايو .

ڪم ظرف هاسين هيڻن جو جلايا سي دل و جان ،
تو نه رنگ حق مجاز جي مٽئه سان ٿي ملايو .

ڪنهن ڏٺن هن لڳا ٿي چنڊ ۾ سڀ تنهنجائي سايه ،
ٻهڻ تو توکان اڄ لڪي ذرّن جو به سايو .

احسان اِهو تنهنجو وسرندو نه ڪڏهن پڻ ،
تو ئي ته مون کي عشق جي قابل آهي بڻايو .

٣٣

ماٺ : پر پڻ ته سهي .... .
هوءَ : ... ... ڪجهه به مون کي ڪين آهي ٻڌڻو .
جو حسن تو چاهي آهي جهان ۾ سوئي ٿيڻو .

ماٺ : ڪين ڪر تون ناز اُن تي حسن جنهن کي تا سڏن ،
پُڇ اُنهيءَ گل کان حقيقت آهي چميو جنهن کي خزان .

هوءَ : محبوب سي حسن جي ڪجهه ڏينهن ئي رنگت ٿي رهي ،
چمن ۾ ڦول جي هڪ ڏينهن لئه صحبت ٿي رهي .

" : مگر گلن جي ڪري چمن گلستان تو لڳي ،
۽ حسن جو ئي حرم خدا جو مڪان تو لڳي .

" : حسن پاڻ ۾ به هڪ آگ لڳائي تو سگهي ،
جنهن کي چاهي تو بڻائي يا مٽائي تو سگهي .

20

مستيءَ جو رس سگندڙ جي روپ ۾ نڪري رهيو هو؟
يا اهي عام جا قلعا هئا جن جي ڪري استريءَ
سدائين هاريو آهي ۽ جن کي پرش ڪڏهن جيتي نه
سگهيو آهي؟
اِهي ئي ته جوڀن جا مادڪ ڦل آهن جن جي بار جي
ڪري ڪامنين جي چيلهه لچڪندي آهي ۽ چال ۾
شراب جهڙي مستي اچي وڃندي آهي.
او جنتو ٽولو ٽوڪٽي ڦٽو ڪيو ۽ ٻنهي هٿن سان ڪٽي
پنهنجين ڇاتين (پستانن) تي ڇانوَ ڪئي!
اُن وقت اِئين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن شرڌالو ڀڳت
شِوَ ڀڳوان جي ٻن لِنگن تي پنج - پنج چنڊ
هڪ هڪ گلاب تي رکي چاڙهيا هجن. !!!

٢٩

تنهنجي ئي چاهنا هئي تنهنجي ئي تمنا
ڇا لاءِ پنهنجيءَ دل کي بيزار ڪيو سي!

در - در پياسي ٽولئه بن - بن ۾ رليا سي،
ديوانا ڇو ٿيا سي ڇو پيار ڪيو سي!

٣٠

تنهنجي ملڻ سان شايد دل کي خوشي ملي ها
آوارا حسرتن کي ڪجهه تازگي ملي ها!

وڏندو ڏسي موڻ کي ٽون جي ٻچائين هانءُ دامن
ڪِٻئن سوز جي مٽين سان پُر زندگي ملي ها!

٣١

اڄ ڀرئين پيار جو مون کي اُنماد ياد آيو،
اُنماد سان ٿي تنهنجو بيدار ياد آيو.
گلشن ۾ ڀير ڪندي ڀوئنرو ويو ڀيٽلبي،
گل کي ڏسي نه هُن کي صياد ياد آيو.

تنهنجي نذر

سُشما !

توکي ڪجهه به ارپڻ ڪرڻ جو
مون کي پورڻ اڌڪار پراپت ٿيو آهي،

ڇو ته مون زماني جي رچيل
مضبوط جار- شاديءَ- جي
قدمن ۾ پنهنجو سرڪش سر
جهڪائي توکي پتني- روپ
۾ گرهڻ ڪري جڳ نه توکي سامهون
ڀاري زماني جي اڳيان هار قبول ڪئي آهي !

مان اِها شڪست ڪنهن وڏيءَ شاندار فتح
جو پيش خيمو هجي !

منوهر بيدي.

۲۹-۱-۱۹۶۱

عشق آخر تائين رئندو ۽ جهڪندو رهندو .
حسن هڪ پل ۾ زماني کي جهڪائي ٿو سگهي .

هان عشق ئي حسن جي نظر کي جام بخشيو آهي .
عشق ئي حسن کي وڏو مقام بخشيو آهي .

زلف کي سياه ابر رُخ کي ماهتاب چيو .
مرڪ کي جلوو . جلوي کي ئي آفتاب چيو .

قول نظرون ٿيون ۽ غمزه تير تير ٿيا .
حسن ئي شاهه ٿيو ۽ باقي سڀ فقير ٿيا .

چاه ئي آسمان ۾ حسن کي اُڏائي ٿي .
عشق کي عشق جي نِگاه ئي جهڪائي ٿي .

هوءَ قصور عشق بيخوديءَ ۾ اَڄ مجبوبة سهي .
ڪيئن پي حسن جي حضور ۾ جهڪيو ته سهي .

هان عشق ئي حسن کي پڙهايو آ حياجو سبق .
عشق آڏو سدا اک حسن جي جهڪي ٿي رهي .

ڪنهن پُر خزان چمن کي وري سبزو ڪيو،
هڪ گل ٿي مون گهُريو، سو بهار! ملي ويو.

(۴)

آئينن ليکن ۾ هئين تصوير تون،
منهنجي هر هڪ خواب جي تعبير تون.

قيد پيو جنهنجو ڏِٺي دلڪش مٿا،
قُول جي اُچواس جي زنجير تون.

زيست جي هر حال کي پورو ڪندڙ،
منهنجي هر تدبير جي تقدير تون.

(۵)

هر ادا ۾ سادگي ۽ هر تبسم ۾ حيا،
حسن جو تو ۾ ڏٺو مون حد اندر پرواز ري!

پيار ۾ درڪار اهڙو آهِ پنڌن جو فقط،
تون ٻُڌين منهنجو ۽ مان تنهنجو ٻڌان آواز ري!

روح جو ميلاپ ٿئي ٿو شاد جيون کي ڪري،
عمر ڀر هڪ ٿي ڪڏي شَرمِ بن دلين جو ساز ري!

زندگي پر ياد رکجان ۽ رات عهد قول جو،
۽ وساري کين پنهنجي پنڌ جو آغاز ري!

(۶)

سون ورني منهن مٿان چانڊوڪي ورني چاندني!
او ڪوئي جا مگر هرڌا! ڳوله ڪا تشبيهه ٿئي!
سون ورني ... ـــ
۱. منهن جي مٿان آنچل مهين،
چپ ٿي مرڪ لڪيل تُنئين،

(١)

جيون ـ ڏوري هڪ آواره جي ٿي هٿ ۾ ،
اُن کي نه گهڻو ڇڪج ۽ ڍر ڏيج نه ڏجانس گهڻي .

تنهنجي ڪري ذهن کي خالي ڪيو مون آهي ،
نه خواب حسن جا هن ۽ نه حسرتون ٻُتن جون !

(٢)

اُها رات ماکيءَ کان مٺڙي ،
رهندي مون کي ياد عمر ڀر !

١. شربتي نظرون حيا کان سرخ ٿي جُهڪجي ويون ،
چنڊ جون سونهون کلائون پردي ۾ لڪجي ويون .
تنهنجيءَ دل جون ڌڙڪنون جڻ خوف کان رڪجي ويون .
سمجهي ! توکي اُن سمي هئي خود جي ڀي ڪا ڪين خبر ،
اُها رات ....

٢. ڇا ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو ڪجهه ياد هاڻي ڪينَ آ ،
ڪيئن اُلجهيا ، ڪيئن سلجهيا عقل نه آ دل جا سڱا ،
ياد آ هڪ تاريڪي ۽ پيو پساهن جي هوا ،
جاڳ نه آ ڪيئن رات گذري ناهي خبر ڪيئن ٿي سحر ،
اُها رات ... ...

(٣)

تنهنجي جسم جو حضور ! سهارو ملي ويو ،
وچ سير ۾ اسان کي ڪنارو ملي ويو .

هر طرف هئي خزان ۽ ويران پيچرا ،
نظرن کي ديد لاءِ نظارو ملي ويو .

ڪنهن کي ملڻ کان روڪي ٿي ڇ
ڪنهن کي مرڪي ملائي ٿي.
اُلفت جي محفل ۾ دنيا،
پنهنجي ٿي شمع جلائي ٿي.
دل-دل جي وچ ۾ ديوارون،
دنيا ٺاهيون رسمن جون.
آرٽيون روز ڪجھ ٿيون سؤ سؤ،
دل جي قولن قسمن جون!
جو هٿ دلڙين جي مستڪ تان،
پريت-رنگ ميساري ٿو،
سونيءَ رات جي لئه سوئي هٿ،
سڀئي سيج سنواري ٿو!
پيار ڪرڻ هڪ پاپ ٿيو ۾،
شادي ڪرڻ ثواب ٿيو،
دُنيا ڏنڙ سو ٿيو امرت،
خود پيتو نه شراب ٿيو!
دنيا آکي-شاديءَ جو هي،
بنڌن ٽوڙڻ آ مشڪل
پر سو ناتو ٿي کرڙو جنت،
جسم ملن پر ملي نه دِل!
ڇا ڦيرن سان، ڇا ويڙيءَ سان
پيار اندر ۾ جاڳي ٿو؟
هٿيالي سان ڇا ڪو انسان،
پاوَ اندر جا ٺياڳي ٿو؟
لهر هوس جي دوڙي ٿي جڳ
جنهنکي جوڙي محبت ٿو،
پيار نه ڪين ڪريٿو ماڻهو،
پوري ڪري ضرورت ٿو!

اَڄ ٻئي ڳئين هونئن ڪان حَسين ۔
چاڙهي ٻيهر سونهن جي آڇي ٻنهي ۔ ميلن تي ٻئي !
او ڪوئي ... .

٢. ساهَه سان اِئين چاهيون ڏُڏن ۔
لهرن تي جئن لهرون لُڏن ۔
تارين تي ٽول ۾ پيا ڪُڏن ۔
هڪ ته روپ جي مڌ اکيان ۾ بيوهوا ڇيڙي وئي !
او ڪوئي ... ...

٧

ٽڪرا ٽڪرا ساهه ڪيا ،
دل ڌڙڪي ۾ ڇهه هٽ وڌا ،
نه ڇڙڪ پريو ۽ ڇيو ڪير ؟
مون ڇيو اڄ ته نه منهن کي ٿيو !

تو اُٿي ڇيو هاءِ ڙي بابا ! اڏرڻ جو ڇو جاڳايو ٿئا ؟
ڪجهه مهر ڪيو مسڪينن تي خود ٿڙڦڙائي سڻايو ٿئا !

هيءَ هوا ڪلين کي ڇيڙي ٿي ،
سڄ ڪرڻ انهن کي پيڙي ٿي ۔

پوئنر ٽولن کي چوسي ٿو ،
هر پٽي پٽي هوءُ نوسي ٿو ۔

نه ۾ پياس رهيس اَڏوري ٿي ۔
هيءَ اُڃ ڪڏهن ڪين پوري ٿي ۔

ٿوهر مُرڪي ٿو ڪَر موڙيا ،
مون پيار ۾ پراڻ سان جوڙيا !

سمهڻ، کائڻ، ڊڄڻ، مٽڻ،
جيئڻ جو ارٿ سمجهوڻ ٿا!

١٠

موٽايان تنهنجي پريت ٿو گيتن جي روپ ۾،
پاڻ رکيم نه پاڻ سان، ٻيو ڪجهه ڪِٿي رکان؟

منهنجو هر گيت تنهنجيءَ پريت جو ئي،
چند چاهي ٿو.
تنهنجي سهڪار جا زيور،
ٿا ٻهڪائن اَدب منهنجو!

١١

پراڻ - پياري! هاڻي ارپيان،
ڇا ٻيو تنهنجي اڳيان،
زندگيءَ جو گيت ئي،
توکي جڏهن ارپي ڇڏيم!

١٢

'سنهڻي سندر ۽ شوم آمنوهر - ارڌانگني'،
'سُشِما' نالي جو مطلب مان فقط اِهو ڄاڻان ٿو!
سين : سنهڻي ۽ سندر
شين : شوم
ميم : منوهر
اَلف : ارڌانگني

!!! शान्ति शान्ति शान्ति ॐ !!!

جڏهن اِنسان سوچيو:

گهر ۾ رهي پنهنجو الڳ ٺاهيان،
پنهنجي ٻچن مان ٿيل پيدا،
ڪٽنب کي پالڻ سان رهيان.
جڏهن ڪيئي - منهوريءَ ٿيان،
اچان مان شام جو ٿڪجي،
ڏسان پنهنجيءَ ونيءَ کي،
اوسيڙي ۾ ٻيٺي وٽ رکجي!
شغل ۾ شور ۾ ٻارن جي،
جيون ـ ياترا پوري ـ
ٿئي، دل کي سڪائي جن جي،
ٻن پهرن جي پيٽ دوري.
چئي جن کي پنهنجو، منڙيون ونئي،
دل کي ملي آنند،
ممتا ۾ موه جو دروازو ٿئي،
جيءَ لئه نه هرگز بند!
حياتي عورتن جي،
جانور جي زندگي آهي،
ٿي هر ڪنهن سان رکي ناتو،
۽ هر ڪنهن لئه لٿا لاهي،
جمي جو ٻارن جي پيءُ کان،
خود ماءُ ناواقف،
پيا کان ڏيئي ۾ پٽ،
پيڙن کان پاءُ ناواقف!
شڪاري ٿي ڪي پالن پيٽ،
ڪي ڪيتي جو اُن کائن،
لئيرا ڪي اچن ڪاهي،
تعميل يونگيون لُٽن ـ ڌاڙهن،
مڙشن کان هاءِ! ٿيڻ بهتر
انسان جو ويڙهن سمجهون ٿا

٢٩.١٠.١٩٩٧.

سرڳ ۾ سمڀوڳ آهي، پر پريم ڪونهي.

پريم کي ڄاڻڻ سمجهڻ لاءِ اندر جي مکيه اپسرا اُروشي پرٿوي تي آئي ۽ راجا پروروا سان پريم ڪرڻ لڳي. پر اندر جي وڌل شرط مطابق هن پروروا کي چيتاوني ڏني. راجن، مون کان هرگز نه پڇجانءِ ته مان ڪير آهيان. سپني ۾ به نه! پڇندين ته مون کي يڪدم پرٿوي ڇڏي واپس وڃڻو پوندو.

پروروا اُروشيءَ جي ساڙهيءَ جو پلئه هٿ ۾ پڪڙي سمهندو هو.

هڪ رات پروروا پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ اُروشيءَ کان پڇي ويٺو. اُروشيءَ کي اُن ئي دم غائب ٿيڻو پيو! پر سندس ساڙهيءَ جي پلوءَ جو ٽڪرو راجا جي هٿ ۾ رهجي ويو. چوندا آهن، پروروا اڄ به اُروشيءَ کي برهمانڊ ۾ ڳولهي رهيو آهي!

شاريرڪ امرتا جيون کي بي معنيٰ ۽ پريم هين بڻائي ڇڏيندي.

موت (مهاياترا جو پڙاءُ) ان ڪري آهي. جيئن اسان جيون ۾ ڪنهن دِشا ڪنهن اُديشيه، ڪنهن معنيٰ جا رنگ روپ ڀري اُن کي پريم جوڳو بڻائي سگهون. پريم فقط موت جي ڪري ئي ممڪن آهي.

ويڙاگ ڪنڊ

جڳ سپنو، جڳ بُلبلو،
جيون مايا ڪيل !
وچڙڻ پيي ڪوڙو هتي،
ڪوڙو جاڻج ميلُ !!

لاءِ ان حالت کي . ان احساس کي نالو ڏيڻ جو .
ظاهر ڪرڻ جو . ٻيو ڪوئي نه وسيلو هو يا نه
رهيو! سنتن - مهاتمائن . پير - پيغمبرن .
رشين - منين اِهين ٿي ڪيو آهي !

پرماتما کي .
پراپت ڪرڻ جي خواهش چڙ .
کوج جي اهميت کي سمجهڻ .
ورنا .
گهاٽن جهنگلن ۾ ڀٽڪيا ويندين !

...

پرماتما جي کوج ئي
پرماتما آهي !

::::::::::

۳

هڪ جو
زندگيءَ جي درد وغم کان ڇوٽڪارو
ڀين جي لاءِ
صبح تائين
درديلي يادگيرين جو
هڪ چڪر ويوڙهه
ٽٽي پوندو !
وقت
درد کي
دور ڌڪيلي ضرور سگهندو .
پر
مٽائي نه ٿو سگهي !
درد، آتما آهي .
اَمَرُ
پر روپ ۽ آڪار بدليندڙ !

...

بلب کي آتم وشواس هو :
هان انڌڪار کي دور ڪندس،
روشنيءَ جو مينار آهيان !
هر حال ۾،
انڌڪار کي دور ڪري سگهان ٿو .
روشنيءَ کي پاڻ ڏانهن .
ڇڪي سگهان ٿو !

پاور جي ڪِسڪي وڃڻ کان پوءِ :
آتم - وشواس جو هماليه ،
سپني جي سنسار جيان .
الوپ ٿي ويو !

انڌڪار سان وڪوڙيل بلب،
روشنيءَ لاءِ ٻاڏائي رهيو آهي !

پرماتما جي کوج ئي پرماتما آهي !
اِن ڪري،
پرماتما اَنادي آهي ، اَننت آهي ، نراڪار - نرگڻ آهي ،
اَروپ - اَڇيد آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه نه هو
اَپراپيه آهي - پراپتي ٿيڻ جهڙو نه آهي !
اِن ڪري ئي،
پرماتما وراٽ آهي ، سرو وياپڪ آهي ،
سڀ ۾ سمايو پيو آهي !

ياترا جي جنهن بندوءَ وٽ ، جنهن کي به پرماتما
جي پراپتيءَ جو احساس ٿيو . اُن بندوءَ وٽان
ئي، اُن جڳهه کان ئي ساڌڪ اُن ” احساس “ کي ئي
’ پراپتيءَ ‘ جو نالو ڏيئي ڇڏيو ! اُن ساڌڪ

سؤ ديپ مون جلايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
شب جا ويا نہ سايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

اهڙا ڪي ميگھ ڇايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
جن هوش سڀ اُڏايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

رُنڌي مون گيت گايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
پرسي بہ ٿيا اجايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

ڪائي وٿي نہ ڪايا. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
هر شيءِ لڳي ٿي مايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

(٦)

ڳوڙها چار هزار ڪڍائيون
سبب رُئڻ جا ڪاٿان آڻيون ؟

لکہ لهي تہ هڪ هڪ ڳوڙهو،
آهي دِلِ ۾ درد جو ڪاڻيون !

ياد جا گل پيا پل-پل ٽڙندا،
پيڙائون ٿينديون نہ پُراڻيون !

سورٺ، سسئي، مومل، سهڻي،
ڪيڏيون پاڳل، ڪيڏيون سياڻيون !

ڪاڄُ اَسانجو آهِ نِرالو،
ڪنت ٿي ويهي سوچ ٽا واڻيون !

(٧)

وَڏي قيمت :

مون زندگيءَ پيا

٤

تون سامهون نہ آهين،
پر تنهنجي ياد
همت ۽ حوصلو بخشي
مون کي
اُنهن تاريڪ وادين ۾ به
بيخوف سفر ڪرڻ جي
لائق بڻائي ڇڏيو آهي
جن کان
اول
مان ڏڪندو لرزندو هوس
۽ منهنجي آتما
ٿر ٿر ڪنبندي هئي!
اِهو وردان
مون کي
تنهنجي موت
بخشيو آهي!

٥

تنهنجا خيال آيا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ،
مون رت - ڳوڙها وهايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ.

خود تي لقب لڳايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ.
ڪيئن پاڻ مون پرايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ.

دل ۾ نہ ڏک سمايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ.
ڪيئن پاڻهون پسايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ.

پاسا نہ رُت مٽايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ.
تارا نہ ٽمٽمايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ.

ٿي وئي آهين
۽ شايد اِن ڪري ئي
مون ۾
هڪ قسم جي
اُداسيءَ جي پاڙ
اڃا گھڻو کُبو آهي !

سوچيان ٿو ضرور
پر، پر پل کي سامھون رکي ،
ڪم ڪريان ٿو ضرور
پر قلب جي
رڳن جي غلامُ
اِڇا ڪانھي
جو ھِن قلب ملندو
جھوليءَ ۾ سوڪار آھي !

اَڄ هان
موت جي به خوف کان
مُڪت آهيان !

(9)

ٻه زندگيون ۽ وچ ۾ اونده اَچينتا جي،
پوءِ فڪر دوست ڇا جو. پوءِ چنتا يار ڇا جي ؟

ٻن زندگين جي وچ ۾
ٻن جنمن جي وچ ۾ هڪ غفا،
اَچينتا جي،
پتا معلوم ڊيگھ ۽
ڦھلاءَ واري !
پنھنجي جنم ۽ ڪرم ڦل جو
درشن

ڪئين داستان ٻُڌا ۽ پڙهيا.
ڏٺا ۽ لکيا
۽ ڪئين بار
عشق جا درد پيي سَٺا
۽ وِڇوڙي جا ڳوڙها پيتا
پر
پتنيءَ جي
انتقال بعد
مون
عشق ۽ درد جي صورت
پنهنجين اکين سان ڏٺي
۽ پنهنجيءَ دل سان
محسوس ڪئي !

مُڪتي ۽ موت: ٨

تون هئينءَ ساٿ
نه ساٿ
سنسار جا سڀ مايا-جار ها !
دُنيا حسين هئي،
شين جو لوڀ هو،
شين سان موهه هو،
زندگيءَ ۾ ساهُ هو،
موت جي اِمڪان جي پرڇائيءَ کان پري
ساهُ ٿي سُکو !

اَڄ تون مون سان ساٿ ڪونه آهين،
شايد مُڪت ٿي
وراثت شڪتيءَ ۾ لئه ٿي
پرش ۽ پرڪرتيءَ جو انش

رُوئڻ اَسانجو هونهَ اَجايو، رُوئڻ اَجايو هو!
موھ هئو ۽ هارَ هُئي جنِ شورُ مچايو هو!!

اَڄُ ڀي سپاڻي اِنَ رسني تان وڃڻو آهي ڪوئي.
پوءِ ٻه پنهنجا ياد ڪجن ٿا، جيٽ هُتي روئي روئي.

ڪهڙين ڏيهين، ڪهڙن جنمن ۾ ڪهڙو هو ناتو.
ڪائي ڪل نه پوي ٿي اِنَ لئه گيان ٻه گونگو ٻاٽو.

اڳئين جنمن جا ناتا ٿا دل جا درد وڌائن.
اُهي سلسلا موھ جي بندڻن کي ٿا زور وٺائن.
اُهي سلسلا رهيا جي قائم منزل تي پهچن ٿا،
يعني هڪ ڏينهن مها ڪال سان ايڪاڪار ٿئن ٿا.

ننڍڙي دُنيا، ننڍڙا سوارٿ، ننڍڙي دل ۾ درشني،
ڪنهن کي فرصت آجو سوچي، ڪيئن هلي ٿي سرشٽي.
جن کي دُنيا ڏينگ مڃي ٿي ٿڪي جي نه برابر،
ڪُوڙي مايا، ڪُوڙي دنيا، ڪُوڙئي ڪُوڙ سراسر.

ڪُوڙيءَ مايا جي اَگنيءَ ماں،
ڪندنُ سونُ بَڻاءِ!
جُني ميان جي، منهن ٻه ميان جو،
پنهنجو ڪمُ نڀاءِ !!

(١٢)

سدا سالڪ هوندينءَ جڏهن ڪين هوندينءَ،
خيالن کي بيحد وفادارُ ٻانئم!
اِهو هالڪ جانئم!
طبيعت کي ڪائي وٺي ڪين ٿي شيءِ،
تنهنجي پيار جو بَلُ جتنا دارُ پانئم!
اِهو هالڪ جانئم!

ان درميانی
غفار ٿيو
پيدا ٿيو
پرواز چڙهيو آهي !

عشق ۽ هوس .

(١٠)

عشق ۾ :

مُڪمل هستيءَ جي وڻپ بعد
انگن تي نظر پوندي آ ۽
۽ وڻپ جو احساس
جاڳندو آهي !

هوس ۾ :

اَنگ ڀريون تا وَڻن
مُڪمل هستيءَ تي
نظر پوي ئي ڪونه ٿي !
اَنگن ۾ اَٽڪي نظر
عمر وِڃائي ٿي ڇڏي !

اُهي ڪي انگ ئي ها
جن مون کي پيي
هڪ لنبي عرصي تائين
اٽڪايو هو .
ڪافي پٽڪايو هو !

(١١)

آتما آهي اُجلي اُجلي سُڳنڌ ڀِن سان ڀرپُور ،
جسم وٿاٽو بدبوُ وارو ، ڪنسس ۽ ناسُور ،
جنهن جسم مان ليڪا پائي پيو ، اُتم آتمڪ نوُر ،
مايا جو پيچرو جو ٿي ويو هو اڄ چڪنا چوُر ،
اوم شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

نہ جيئو آهين
نہ پراڻي آهين
نہ پنهنجن تتن جو پُتلو آهين
نہ پنهنجن وِڪارن جو آستانو !
هاڻي تون
برهمانڊ - وياپي ،
وراٽ شڪتيءَ جو
هِڪُ انش آهين !

ڪلهہ ٻُونڊ هئينءَ
اڄ مهاساگر آهين !
ڪلهہ ديپ هئينءَ
اڄ رنج پرڪاش آهين !

(۱۵)

آروٽا !
هاڻي منهنجيءَ ديهہ ۾
ڪوئي وِڪار ڪونہ رهيو آهي ،
منهنجو شرير
رشين - مُنين جهڙو ٿي ويو آهي !
مان جو ڪجهہ چوندوسان ۽
سو ٿيندو - اوس ٿيندو !

سُنيل اڄ سؤ - سؤ لاءِ
هٿ ٽنگيندو پيءُ اڳيان
هوُ ايڏو تہ ڌنُ ڪمائيندو
جو پيءُ جي سامهون
هزارن - هزارن جون سٿيون
اُڇليندو ويندو
۽ ڪين ڳڻيندو !

تنهنجو گهريش بہ

تنهنجو ساٿُ مون لئه هو ڪيڏو سهارو،
تو بنِ خود کي ڪيڏو نه لاچار پاتُم!
اِهو هاڻ ڄاتُم!

ڏسڻ جِسم آهي، ڏسڻ جَڳُ اَڌورو،
مُڪمل تنهنجو هاڻِ ديدار پاتُم!
اِهو هاڻ ڄاتُم!

١٣

ڏينهن گذرندا ويندا،
راتيون وَهنديون وَهنديون وينديون،
تنهنجيون يادون ڌنڌليون ٿينديون وينديون،
تنهنجي صورت هڪ پرڇائي ٿيندي ويندي،
تنهنجا ٻول ٻُلجندا ويندا،
تنهنجيون سُگنڌيون اُڏامنديون وينديون،
پَرَ اُنَ کان اڳ
شايد مان اُن راهه تي نِڪري پوندس،
جيڪا راهه تون اول لتاڙي وئي آهين!

مون کان اڳ وڃي،
ڪنهن موڙ وٽ يا چوراهي تي بيٺي آهين،
منهنجو سواگت ڪرڻ لاءِ!
يا مون کي راهه ڏيکارڻ لاءِ!
يا مون کي ڪجهه اِشارن سان سڏي،
سڏي سڏي سڏي ۽ سڏي ٿي،
پاڻ ڏانهن گهرائڻ لاءِ!
اِهو نه وقت ٻڌائيندو،
پر ڪوئي ٻُڌي ڪين سگهندو!

١٤

هاڻي تون
نه شرير آهين

ڊاڪٽر آپريشن ڪري رهيا هئا.
ٻيڙڙو شرڌيءَ وارو سائين بابا
پاسي ۾ ويٺو هو.
هٿ ڪٽي
آشيرواد ڪري رهيو هو !
آلائي ڇو
ستيه سائين بابا ڌيان ۾ اچي ٿي ڪونه پيو
خاص قسم جي وارن جي ڪري
هن جو ڌيان ڪرڻ نه تمام سولو آهي
پر هن بيماريءَ ۾
سامهون اچي ٿي ڪونه پيو !
ها باقي،
شرڌيءَ وارو ٻيڙڙو سائين بابا
نه جڙ
هر گهڙيءَ هر پل
منهنجي پاسي ۾ ويٺو آهي.
جڙ سدا ساڻ آهي !

رات سپني ۾
سڀ پرڪا آيا، پٿر آيا
چون پيا- 'ڪنوار هي پنهنجو ڪهڙو حال ڪري ڇڏيو
آٿئي ؟ اسان جا شراڌ ڪير ڪندو ؟'

مون چيو مانِ- 'توهان چنتا نه ڪريو
وشواس رکو
ٻيو ڪوئي ڪري نه ڪري، مان ڪنديس
ضرور شراڌ ڪنديس !'
هوءَ به پرڪن- پٿرن سان وڃي مليا
رهجي ويا سڀ اسان
(رئندي رئندي) شراڌ ڪرڻ لاءِ !

اُتاهه ڏن جو مالڪ ٿيندو !
تون سدائين ور. گهر سان
سکي رهندين
ڪاٿي ڪمي نه رهندءِ !
جيڪو گهرندين
تنهن کان ڏهوڻو ملندءِ

(١٦)

آروٽا !
اڄ تون جيڪو مون کي ڏسين ٿي
اُها مان نه آهيان
منهنجو شرير ته ڪڙهو ڪو
سُڪ ٿي چُڪو آهي
هاڻي جيڪو ڪجهه
سامهون آهي
رڳو آتما آهي !

(آروٽا جي اکين جي سامهون هڪ نظارو اُڀري ٿو بيهي.)
ڪمبالا ڇل هاسپيٽل / سومر / ٩-٦-١٩٩٧ /

سُشما : (منوهر جو هٿ پڪڙي) سائين مان
ته وڃي چُڪي هُئس. توهان ئي
مون کي واپس گهرايو آهي......

(١٧)

رات سپني ۾.
شيران والي آئي.
مهاديو به آيو.
آشيرواد ڏنائون !

گريش : منوهر. سُشما جو وڏو پٽ.
آروٽا : گريش جي ڌرم. پتني.
سُنيل : منوهر. سُشما جو ننڍو پٽ.

تون آلائي ڪَهڙيءَ شڪتيءَ ۾
وَٺينءَ سمائجي!
شڪتيءَ سان شڪتيءَ جو ملڻ
جڻ ڌارا ۾ ملي وَئي ڌارا
وهڪري سان وهڪرو وَهي ويو!
آشريري اَروپا شڪتيءَ ۾
تدروپ ٿيڻ کان پوءِ
سُڃاڻپ جو سوال اَياڻپ آهي!
هتي نه پنهنجي پڇاڻ رِهيائي
اُن مها- پڇاڻ ۾
لئه ٿيڻو آهي
جنهنجي پڇاڻ هڪ ٿي آهي،
شونيه- شونيه ٻيو ڪجهه ٻي ناهي!

(٢٥)

سَتَ پَنڌَ ٿي پيو توکي اَڪيلو ڪين ڇڏيندو هوس
اَڄُ تون اَڻ واقف راهه تي هلي وَئينءَ اڪيلي!
ڪجهه سوچين ها ٻيلي!

مونکي پڪ هئي توکان اَگهه مان ويندس ديس پرائي،
تنهن ڏينهن گوءِ ٻه گوءِ ڏني تو آهڙي بازي کيلي!
ڪجهه سوچين ها ٻيلي!

مان هيٺو- پاڇي کان ڊچندڙ رهي سگهان نه اڪيلو،
ڪنهن آڇي سمجهايان ءِ مون آخري ٻيڙا جهيلي،
ڪجهه سوچين ها ٻيلي!

(٢١)

(علاج لاءِ ٽاٽا ميموريل ڏانهن)
چوٽينءَ جوُن ٿي وئينءَ ڪار ۾ سائينءَ جي آڌار!
(ساڳيءَ نيٺ ٿي)

آروٽا !
نسيها منهنجي پيٽ مان
چو نہ جائي ؟
مون کي اها گڙيا ڏيندين
مان لک روپيہ ڏيندي مان ۽ !
پر- پر -
لک روپيه مان آڻيندين ڪٿان ؟
(ڇهري تي تراشاجو پاؤ)

.... مَمي !
سنبها منهنجي نہ توهان جي آهي
هن گڙيا کي پنهنجي ڌيءُ سمجهو،
هوءَ توهان جي
توهان جي
فقط توهان جي آهي !

(١٩)

تنهنجيءَ اَرٿيءَ کي ڪنڌو مون ڪونہ ڏنو !
هوش ڪٿي هو !
پنهي پُٽن، هڪ پاءُ ۽ توهين جي پاءُ جي
ڪنڌن تي
سهاڳڻ - پاڳڻ
راج - راڻيءَ جي هلي سواري
هڪ آنادي - آنندپاترا تي !
اڳتي -پُٺ تان هلندي هلندي
پري، پري ۽ پري
ٿيندي ٿيندي

سنبها : گربٽن- آروٽا جي ڌيءَ.
شُشما جي پوٽي .

١. تون زندگيءَ جو رنگ ۽ رونق کڻي وئينءَ،
جو لھڻو ناھي داغ ڪو اھڙو ھڻي وئينءَ،
ڇا نٿي رُسي مَلال جي مورت بڻي وئينءَ،
اَڄُ ڇو تون لاجواب سوالن ۾ ٿي اَچين؟
بس، ... ...

٢. دل کي لُڀائي آھريءَ ڪا صورت نَہ ٿي مِلي،
آئي ڪٿان بھار، سا مورت نہ ٿي مِلي،
تو جھڙو ڏِنو خلوص جا چاھت، نہ ٿي مِلي،
دلبر! تون بي‌مثال، مثالن ۾ ٿي آچين!
بس، ... ...

٢٤

١. خوابن ۾ اَچڻ بہ اَچڻ آ ڪو ؟
تون مون کان دور وَئينءَ پر ڇو ؟
منھنجو پيار نہ ڪونہ آڏو ھو !
منھنجيون لاچاريون ڇو وساريون تو ؟

٢. جو ٿيڻو ھو، ٿي چڪو آ سو،
ڪجھ نہ آ ٿيڻو، پل ڪيڏو بہ رو !
جو ويو سو واپس نہ آ اَچڻو ؛
اِن ماڳ تي ھرڪو آ وڃڻو !

٣. سورج سان وَڃي ڪرڻو آ ملبو،
ڪرڻو بہ نہ انگُ ھو سورج جو !
تو کي-مون کي ھو ناٽڪ ڪرڻو،
آخر ھرڪو آ گھرِ وَرڻو !

٤. آيو جو آخر ڪاڏي ويو ؟
ويدن بہ نہ ڄاتو پيد اِھو !
بھتر، دنيا کي مَچ سپنو،

مهنجي ڪانپوءِ قول ڪٽي ويئي، ناسِڪ سڳي ڪار!!

ڪنهنجو نا هي ڏوهه انهيءَ ۾ ڪنهنجي نا هه ميار!
ڏنم خاڪ سان خاڪ ٿيندا، ڪڙا ڪڙا يار!!
جڳهه وارپيءَ جو ڪوٽُ!
فقط ڪوٽُ ئي ڪوٽ!!
رشتا ناتا جوڙي پل-ڪن خاطر ڳڌجي ڪِليٽو آ،
هڪ ڏينهن طلسم ٽٽڻو آهي، درد جُدائي ملٽو آ!
روڄڻ ئي اڪِ صبر!
ڏيان انهيءَ ڏس قبر!!

٢٢

ڏينهن شينهن آ لنگهي وجي ٿو،
رات اسان تي ڀاري آهي!
گهڙي گهڙي لاچاري آهي!

١. سَناٽو، اوندهه، تنهائي،
سات نه ڪنهنجو جوت نه ڪائي،
هر سڪ ثابت ٿيو هرجائي،
دکن جي بارش جاري آهي!
رات... ...

٢. پاڳُ جڏهن خود ٻاڙي ڪاري،
ڪوئي مدد لئه ڪنهن ڏي نهاري،
ڪڙي ٻهاني ڏيرج ڏاري،
دل دردن جي ماري آهي!
رات... ... ...

٢٣

ڳولها تنهنجي اجائي، ملڻ ڪان گهٽو پري،
بس، دل ۾ ئي رهين ۽ خيالن ۾ ئي اچين!
توسان ٿي گفتگو ٿئي مگر روبرو ڪٿي،
يادن ۾ ئي وَسين ۽ حوالن ۾ ئي اچين!

۲۶

دَرد دَرشنُ بڻيو، سوچُ ڪوتا بڻي،
دل کي آٿت مليو، زندگي ڳُجهه وَڻي!
ڪو وڃي ٿو سگهي ٻيو هِتان ڇا کٽي؟
مؤت ۽ زندگي ڇا هي، ڇاٽي ڏَٽي!

ڪوئي پاسي ۾ هوندي به آهي پري،
ڪو، نَ دنيا ۾ هوندي به ناهي پري!
ڇا هي ويجهو هُجَڻ ۽ پوءِ ڇا هي پري؟
پيار دل ۾ رَهي، جسم ڇا هي پري!

۲۷

اٽڪل ڇهه سال اَٺ مهنا اڳي
منهن کان ڇوٽيءَ ٿيائين
سور نهن سينگارن سان
پنهنجو پاڻ سنواري
تون منهنجي گهر آئينءَ!
اُهو سنساري مِلن هو
سمبنڌ جي سيمائن ۾ بند!

تنهن ڏينهن پي،
تنهنجو سمپورڻ سينگار ڪرائي
مون توکي سونپيو
مهاڪال کي!
اگني - پَٿَ تان هلندي هلندي
تُون پَهُتينءَ سمپورڻ - آڪال پرش تائين!

هاڻي تنهنجو
مها - ملن ٿيو،
چر - ملن ٿيو،
اَهنؤ ٿيو ميلاپ،

اَٿئي جي سوالن کان بچڻو !

٥. جنهن شيءِ تي ناهي وسُ پنهنجو ،
حَقُ جمائين تنهن تي ڪهڙو ؟
جُهڪڻو. جُهڪڻو. جُهڪڻو ،
ءِ سدا مڃڻو : ڀاڻو مِٺڙو !

٦. آهي ڇا ڀيو ڪوئي رستو ؟
ڪنهن کي ڪو جَپُ تپُ ڪم آيو ؟
ايشور به جي آ اوتارُ وَرتو ،
سو ڀي اِن دڳ تان واپس ويو !

(٢٥)

تون آهين نه آهين، تون ناهين نه ناهين ،
چوان ٿو اُهو جو چوائي ٿو اَلله !
اُنهيءَ جي به حالت اِهائي نه آهي ،
اُهو جيڪو خود کي سڏائي ٿو اَلله !

١. اُهو ڀي نه اَلله هو جيڪو جلبو ڀئي ،
اُهو ڀي نه اَلله هو جنهن تي جلا ٻيو !
اِهي رنگ رنگي رچائي رهيو آ ،
ٿي وِقلي ۾ ترقي هيءَ دُنيا اَجا ٻيو ،
لڳائي ٿو اَلله ، وِسائي ٿو اَلله !
چوان ٿو ... ...

٢. زماني جي ڪا شيءِ جِتا دارُ ناهي .
هِتي شخص ڪوئي وَفادارُ ناهي !
نه ڪوئي آ دلبر ، نه ڪوئي آ رهبر ،
جڙهنت جو آ ميدانُ هي سنسارُ ناهي !
شبُون ڀي نمونا بڻائي ٿو اَلله !
چوان ٿو ... ...

۲۹

• بالپڻ ۾ ماءُ وئي، وَڏيءَ عمر ۾ جوءِ !
ٻُڌاڻ-ٻُٽا سُکَ يادِ ڪَري، ڀاڳ کي وينو لوڇِ !!

• پل-پل اُڇليو آ مٿان آسمانَ چئلينج !
اِن لئه پنهنجيءِ آ وڏي سوُرَ سهڻ جي رينج !!

• ٽي مهنا اگُ وَئينءَ تون لوڪُ ڇڏي پرلوڪِ !
چوندو سانءِ نه مورُ مان پنهنجون يادون روڪِ !!

• سُورُ، سورُ، ڏُکُ هوندي پڻ، ياد آهي آڌارُ !
مايا وي شڪتين ٿي ٿي، هلي پيو سنسارُ !!

• ديھه جي اگني ديھه ٿي ڪري سگهي ٿي شانت !
آتما وستوُ الڳي جاڻ پوي نه ڪنهن ڀانت !!

۳۰

پرش-پرڪرتي-مايا !
برهما-وشنو-مهيش !
اِنهن شڪتين جي وچ ۾،
جُدا جُدا ترشَنِ سان ڀرپور،
نرينما ن آهي،
سنساري ڪَرمَ-شالا،
اِنساني جيون !
گرڀ ۾ انسان اِئين رهيو،
جيئن ڪير-ساگر ۾ شيش ناگ تي،
ليٽيل وِشنو !
آنند جي مُدرا،
ڪجهه-نه هئڻ جو احساس !
سنساري ڪرم-شالا ۾
جيون جي گوڙ ڦيڙ ۾

جنهنجو ڪوئي اَنتُ نہ آهي،
جنهنجي ڪائي سيما نا هي!
جنهنجي سامهون
ڪوئي وِڇوڙو
بينو ناهي،
ڪائي جُدائي
جنهن کي ڪين ڏئي ٿي
چنوتي!

ڪَنهِن ڏينهُن تُنهِنجو ڪپڙي هوس،
اَج مان تُنهِنجو داسُ بہ ناهيان!

٢٨

هر ڏڻ تي تنهنجي ياد پيارهي وَئي مون کي!
ٺُڳاري وَئي مون کي!

١. تنهنجي ڪري هو سڀُڪو جيا ٿي ڳجو وهنوار،
پرواهہ نہ هئي مون کي ڪا جو مقو تنهنجو آسرو،
تنهنجي پيار ٿري اَگہ جرئي پارهي وئي مون کي!
هر ڏڻ تي ... ...

٢. چاتا پيچو نہ جو تو لڳان اَج ڀرو ڀرو؟
ڪسعي وَئي آ چانوَ، وبو گمُر تي اولسرو!
بوُسانَ انڌڪار جي نارهي وئي مون کي!
هر ڏڻ تي... ... ...

٣. بازار اِلا ساڳي خريدار آ ڪٿي؟
عاشق بہ آ جُنوِن بہ آ ديدار آ ڪٿي؟
تقدير ڪهڙي موڙ تي مارهي وَئي مون کي!
هر ڏڻ تي... ... ...

(53)

اَچيتن جي اونداهي غفا!
۽ ڪُن پار ؟
ڪبير ساگر ۾
شيش ناگ تي
وشڻو بڻجي
ليٽڻ جو سما-آنند!
مَن مون کان پڇيو :
... جي اِئين آهي
جي اِئين تون سمجهين ٿو
جي اِئين تون مڃين ٿو
ته پوءِ
پنهنجن پيارن جي موت تي
ڇا لاءِ روئين ٿو؟
مون آدِشنڪر آچاريه جي دليل جو سهارو
وٺندي چيو :
... موهڪ مَن!
منهنجو رودن پڻ نه
مايا جو هڪ کيل ٿي آهي.
مٿيا آهي!
مايا سڀ سنسار ۾ آيا آهيون
نه کيل - تماشا به نه
پوريءَ ايما نداريءَ
۽ گنڀيرتا سان
ڪرڻا پوندا نه ؟!

(٣١)

تون پاڻ ئي آهين

دِڄڻو آٿي نه خود کان ڊِڄُ.
پڇڻو آٿي نه خود کان پُڇُ.
ڇڄڻو آٿي نه خود کي ڇُپ.

ويڙهه جي وکوڙ جي
هُن جو قدم رکڻ
۽ مايا جي کيل تماشن جو
شروع ٿي وڃڻ !
خوشبوءِ، مرڪون، ٽهڪ،
روڄ، گوڙها، هانءَ، ڏُڪا
آنسون، اُميدون، آٿت، دلاسا،
ڏينهن جا سپنا، رات جا خواب،
ڇهاءَ، لرزشون، ڪامنائون، واسنائون،
ٻڌ، مان، ڌڪ ٿي وڃڻ جون موڪلاڻيون،
فريب، چالاڪيون، شطرنجي چالون،
ڪرڻ جا ڏپ، ڇڙهڻ جون چاهنائون !
ويچارو هيڪڙو جيو،
اِن مايا ڄاري چڪر ويوهه ۾ ڦاسي،
پيسجي ويو !
تڏهن
اِن ڦاهي کي
قول، مالها سمجهي
اُن سان چنبڙيو رهيو
۽ سدا سدا لاءِ
چنبڙيو رهڻ جون
پرارٿنائون ڪندو رهيو
پوڄائون ڪندو رهيو !
اِنسان مؤت کان ڊڪندو رهيو !
پڇيري ۾ ڦاٿل پکي
آسمان ! اونچائين ۾ اُڏامڻ کان،
مُڪت وهار ڪرڻ کان
ڇرڪندو رهيو !
جيون ۾ مڪتي ءُ جي
چر، آنند جي
شيش ناگ تي ليٽڻ واريءَ حالت

۽ کھڙي جنم جا !
ڍِڪاهِن ۾ ويڙهيل
وڪوڙيل اِچا ٿون !
ننڍڙين کي ته پوڳيم،
وڏين کي به پوڳيم !
ڪڏهن ڏن جي پل ٿي،
ڪڏهن چانڊوڪيءَ سان،
ڪڏهن ڏينهن ڏوڪا،
دِلاسا ڪڏهن !

ڪڏهن ڪن وري پوڳ منهنجو لڳايو !
مون کي ڪم ۾ آڻندو !
مگر ڪيل هلندو رهيو ٻيهڇڪ !
۾ اَڄُ من ڪٿي پيپ
لڳي ٿي نه ٿو !
ڍِڪاهن جي ور ۾ اَچان ٿي نه ٿو
ڍِڪارن ۾ آڻند
مِلي ٿي نه ٿو !
وشيه. واسنا ٿون ٻُٽبون ٻيجڙو !
مون اَڄ پاڻُ خالي ڪري آ چڏيو،
اچي جنهن کي اَڄٺو آ پاڻهي اَچي !
مون هرڏي جو در آ کولي ڇڏيو،
مان پنهنجو ٿي سوآگت ڪندس پاڻ ئي !

ٻيو ڪير اِيندو !
ٻيو ڪونه اِيندو !!
ڪو اچڻو ئي ناهي،
جو هستيءَ ۾ ناهي.

٣٣

زندگيءَ مان ڪڏهن ٿيو آجو ؟
مان ڍُڪن سان اِئين پريل آهيان،
جيئن پريل سُرنِ سان ڪو باجو !
زندگيءَ مان ... ...

تقڙو اُتي عجهه، خود کي ٿڦِ !
هر جا، هر صورت ۾
تون پاڻ ئي آهين !
اِهو سڄو ٿڪمو ئي تصور آهي
جيڪو، ڳهِرو ڳهِرو ڳهِرو ٿي
سامهون ٿئي ٿو
بڻجي حقيقت !

پوت به تون ئي، پريت به تون ئي !
تون ڏکائين پيو ٿو خود کي،
ڏکندڙ ۽ پيڙهندڙ بي تون ئي !
اَنڌيو جي صورت تون ئي،
ڀڳت به تون ئي، تون ئي ڀڳتي !
تون ئي پاڻ کي ڏين ٿو شڪتي !!
اِها مانسڪ ياترا
سِلسِلي سان جي طئه نه ڪئي تو،
ڀٽڪي ويندين
اوڙاهن ۾ اَٽڪي ويندين !
ڀڄڻو پاڻ تائين آهي توکي،
پر ڪهڙو اُتي پنڌ
ڀڳوان جي ناليِ ۾ !
هِن سمي گوڙ ڏنڌي جي،
اِها ئي هڪڙي مکيه ڳنڍ آهه !

(٣٢)

مون هڪ ئي جنم ۾،
هزارين جنم
وَتا آهن، او سُشيما !
ڪٿان ڪان ڪٿي پهتو آهيان،
جو اڄ ڪيترين ڳالهيون،
لڳن پيون ٿيون سپنا،
الائي ڪڏهن جا

جيسين ڏيري ڏيري،
ڏنڏ سان ڏنڏ ٿي نه وڃن!
اِهي آثوڪا تاج محل
صدين کان جُهرندا آيا آهن.
ڏنڏ سان ملندا آيا آهن!
آجا به صدين تائين،
جهرندا رهندا.
جهرندا رهندا!
ابدڙ سال.
ان کان پوءِ وارا سال
ان کان به پوءِ وارا سال!
اِهو چڪر هلندو رهندو،
۽ اِنسان
ايندو رهندو، ويندو رهندو!
تاج محل جُهرندا رهندا!
پنهنجا پنهنجا تاج محل!!

(٣٦) گيت

پرکن جي شرڌان پر جڏهن مون،
تنهنجو نالو جوڙيو،
ڪنٿي ڪشتي مون کي گهاو ٿيا ۽،
ڪنهن ڪنهن هانءُ مروڙيو!
وقت، تنهنجي پلهاري!
چوٽ چڱي تو ماري!!

١. تنهنجو سات جنوٽنڻي وِيا هڪدم ڪيئن سهارا،
مون کي غل کهڙي نه جهڙيل ها، تو سان منهنجا سنارا،
ڪنن جنهي لب پاڻي ملڻو، اُتي پياڳه مون کي پوڙيو!
پرکن ... ...

٢. اڻيڪ رستا، اڻيڪ راهون، دِل به هيڪيانه ڪو وَڏجي،
تڙپ ٿئي ڪنهن لئه ڪا ٻئدا، پوءِ نه اُنهيءَ کي سڌجي،
ڪنهن طاقت، منهنجن جذبن کي، ڇلي جيان آ ڪوڙيو!
پرکن ... ...

(٣٤)

ٿون سگهه نه سمجهڻ ڏينديون!
مون کي ڪوشش نه ورڻ ڏينديون!
جڏهن به چوندينديس ڪو نشو،
ٿون ڳوڙهو ڀڄي ابند بڻ!
مون کي ڪو... ...

(٣٥)

پنهنجا پنهنجا تاج محل

تنهنجي وجهڻ ڪان پوءِ،
سُڃاڻ! مون ڄاتو:
شاڌ جو مطلب ڇاهي،
ڪياءَ جي ڇا هي معنيٰ،
رشتون- رسمون ڇا لاءِ آهن!
اِهي نيڊڙا نيڊڙا،
تاج محل آهن،
جيڪي اسان پاڻ اَڏيون ٿا،
پاڻ ڏِسون ٿا،
پنهنجي درد جو پاڻ ديدار ڪريون ٿا!
روڊن، ڳوڙها، هانئڪا،
چوڏس جون آهن چانڊوڪيون،
جن ۾ تاج محل جي سونهيا
درد- جُدائيءَ وانگر ڀڄڪي ٿي!
اِنهن تاج محلن لاءِ
اسان جي ديوانگيءَ جيڪو ملهه آهي چُڪايو.
اُن جو تصور
شاهه- جهان
سؤ سپنن ۾ به ڪري نه سگهندو!
اسان جا پنهنجا تاج محل
تيسين سلامت هوندا آهن

سوال : جيڪڏهن طوفاني لهرون سمنڊ کي زمين تائين ڇڪي اچن ۽ ٻڏڻ کان بچڻ ناممڪن هجي ته توهان جيڪر ڇا ڪريو ؟

عيسائي: مان پنهنجي هردي تي ڪراس جو نشان ٺاهيندس ۽ پرماتما کي پرارٿنا ڪندس. ته منهنجي داخل ٿيڻ لاءِ سرڳ جا دروازا کولي ڇڏي .

مسلمان : مان الله جو نالو وٺندس ۽ چوندس ته اهائي قسمت آهي ۽ غرق ٿي ويندس .

يهودي: مان پرماتما کي ڌنيواد ڏيندس، منهنجي مرضيءَ کي اکين تي رکندس ۽ پاڻيءَ جي هيٺان رهڻ سکندس .

ورات جي اڇا کي سويڪار ڪري ان مطابق رهڻ، هلڻ ۽ جيئڻ جي سکيا وٺڻي آهي . اهڙا جيا اهائي ڪلا آهي . اهو ئي رهسيه آهي :

جو تنهنجي ڀاوي سوئي ڀلي ڪار !
تون سدا سلامت نرنڪار !!

اننت آڌار

سُوتر: پنهنجي هاڻوڪي روپ جو ڪوئي به
انگ لامحدود روپ ۾ ڦهليل سمجهو.
(ڀيرو تنتر: ڀڳوان شِو)

ڪلپنا ڪندؤ ته پنهنجي مٿي کي برهمانڊ
جيڏو ڦهليل. لامحدود: اسيم. محسوس ڪندؤ
اُن سمئه جو آنند به اسيم هوندو ۽ اهڙي
ئي آنند جي حالت ۾ چيو ويو هوندو:

رشي: اهم برهماسمي! (سمپورڻ آهيان)
منصور: اناالحق! (سمپورڻ آهيان)
سرل ارٿ: ڪلپنا ۾ ئي پاڻ کي ايترو ڦهلايو جو
اسيم ٿي ويو. تو هاڻ رهو ٿي نه فقط
پُورڻتا رهجي ويئي!

اسڙي ۽ پرش جڏهن پاڻ ۾ ڀرپور
پيار پائن ٿا. تڏهن هنن جا انگ هڪ
ٻئي کي ڇهن ٿا. آمهون سامهون
ٿيل انگن مان هڪ طرف جا ڪي نفي
آهن ته ڪي شفي ۽ ٻئي طرف جا به
ڪي نفي آهن ته ڪي شفي. نگيٽو ۽
پازيٽو شڪتين جي ملڻ سان جيڪي
لهرون پيدا ٿين ٿيون. اُهي ئي مها-
آنند جو سؤروپ آهن!

پريم هجي يا سمڀوڳ، اسيم تائين
جو اِهو به هڪ رستو آهي- اِها به
هڪ پل آهي.

٢

آنند ڏئيتو اپار ماتا جي اکڙين جو پيار،
ماتا جي پرسان ملي ٻچڙن دل کي قرار!
ماتا جي ديدار لئه ڪيڏو هُئس بيقرار،
ماتا جو درشن ڪري ڪيڏو مليو آ قرار!
آنند ... ...

١. جيڪو سوالي تنهنجي در تي اچي ٿو،
خالي اچي ٿو سدا پر جي وڃي ٿو،
تون ماتا وِڌاتا،
تون ڀڳوتي داتا،
تنهنجي ئي چائنٺ چمي لوڪ وردان پاتا!
آنند ... ...

٢. جوتيون جلايون شل پاڳ جڳايون،
ٻچڙن جا ماتا سدا ڪشٽ مٽايون،
اسان تي مهر ڪر
دِيا جي نظر ڪر
پَلُ ٻُڌي ٻڌي صَبُرُ شِير جيان تي نڌر ڪر!
آنند ... ...

٣. دُشٽن ۾ پاپين گهڻو جڳ کي ستايو،
ڀڳتن کي ماتا، سدا تو ئي بچايو،
تون ڪشتي ڪنارو،
سڀن جو سهارو،
جوت تنهنجي سدا ڪندي رهندي اُجارو!
آنند ... ...

ڌُن: ڏبڪا هڻه پهلي بار ... ...

آهي ماتا سڌيو- هلو هاڻي ٿي هلو !
شيران واليءَ جي در- ڏيُ آ ڇا جو ؟
آهي ... ...

١. جيڪو درشن ڪري
تنهنجون جهوليون ڀري
دور ڏکڙا ٿيئن
ڪشٽ ڪٽبا وڃن
جيت هرهنڌ ٿئي
مان هرڪو ڏئي
دل ۾ سنسار ڪي وڻو آن تون ڇو ؟
آهي ... ...

٢. شيران والي آمان
تنهنجي هر ڏاڪي تان
مان صدقي وڃان
جندُ قربان ڪيان
تنهنجي در جي مٽي
نينهنجي نيڻن رکي
جڳ ۾ گهمندو وتان هان ٿي سرهو !
آهي ... ...

٣. روپ شڪتيءَ جو تون،
پاڻ ڀڪتيءَ جو تون،
سڀ جو آڌار تون
آهين سنسار تون
لوڪ تنهنجي گهمي
آهي پڪ مون ڪئي
ڪين آيو نظر تو جهڙو ڪو !
آهي ... ...

ڌُن: ميري جمڪ چلو- چلو تاني چلو.....

جيئہ سنڌيءَ تي سوار رهي!
ٻم ٻولا پنڌار ٻي! جڳہ جا ناٿ!....

۴. توں ئي امرت، زهر به توں ئي،
رحم به توں ۽ قهر به توں ئي،
ويرانين ۾ تنهنجو واسو،
رونق وارو شهر به توں ئي!
هر هنڌ توں، هر جاءِ توں!
گمراه کي ڏڳہ لاءِ توں!
شڪتين وارا، او جهنڊاڌاري!
ٻم ٻولا پنڌاري! جڳہ جا ناٿ!......

(۴)

• صبح سويرو ڏياءِ گروءَ کي،
جيءَ ۾ ڏي توں جاءِ گروءَ کي،
ڏوهه گنهه بخشاءِ گروءَ کان،
رڳ رڳ ۾ توں رچاءِ گروءَ کي!
ڏياءِ گروءَ کي، ڳاءِ گروءَ کي،
روئي رحمت لاءِ گروءَ کي!

• (سهڳان) جئہ ٻولبو نانڪ شاه جي،
جئہ هيڻن جي همراه جي،
جئہ شاهن جي بي شاه جي،
جئہ جڳ جي پشت پناه جي!

• ڪوڙي ڪايا، ڪوڙي مايا،
جڳہ آ سپنو، جڳہ آ ڇايا،
سپنا ڪوڙا خواب اَجايا،
ڪيڏا پل تو مفت وڃايا،
هاڻي پيءُ وٺ اوٽ گروءَ جي،
نام جپي رجهاءِ گروءَ کي! (سهڳان) جئہ ٻولبو....

شوَ شنکر ڪٺلاشپتي بم ڀولا ڀنڊاري.
جڳ جا ناٿ! وڃان ماں تنھنجي ناليءَ تان ٿي ٻلهاري
شِوَ شنکر ... ...

١. مهما ڏنيسي تنھنجي نرالي.
ديون جا ديو! او جڳت جا والي.
آيا آئي تنھنجي دَر جا سوالي.
سڀ کي پريندين. ڇڏيندين نہ خالي.
جڳ جا پِتا! توکي ڇڏي.
بالڪ وڃي ڪنھن کي سڏي.
ٿون ٿي ٻڌاءِ او مُراري!
بم ڀولا ڀنڊاري ! جڳ جا ناٿ!......

٢. هڪ لوٽيءَ سان لال ڪرين ٿو.
ڀڳتن کي خوشحال ڪرين ٿو.
ٿو جھڙو ڪوئي ديو نہ ڏٺو سي.
جيڪو سڏ ٻُڌي تنھنجي ٻُڌين ٿو.
ڪر ڪا دَيا ڦل ڏي مِنا.
ڀِنُون ٿا اسان اِهائي دُعا.
جڳ جي تو ڀيڙي آ تاري!
بم ڀولا ڀنڊاري جڳ جا ناٿ!......

٣. ڀنگ ڌتورا سِڪ سان کائين.
رک ڀسميءَ سان انگَ سمائين.
پريت ڀشاچ ۽ ناگ ٻلائون.
ڪھڙا نمونا ناٿ! ٿو پالين!
توکي ڏِکو اھڙو ونيو.
تنھنجو اُهو واهڙ ٻنيو.

ڏُن: هم تو جدائي م اکيلي ڇپ ڇپ کي رويا ڪرتي ٿي!

تون ڪشتي، تون ڪنارو.
تون منزل، تون ستارو.
سمو جڳ آ سوالي.
تون ٿين لوڪن جو والي.
(سڳان) جئه پوليو... ... ...

(۵)

واه! واه! او سائين!
جيئن يي هلائين!
تنهنجو دَر جهليو ٿم،
متان تون پُل ٿئين!!
گهمي پر ڪيڙو پائي،
پيو چاڪر پاڙائي،
ٿو پر ٿي آس منهنجي،
ٿون ٿي آسرو!
تنهنجي دَر تي جيڪو ايندو،
تنهنجو شانُ اونچو ٿيندو،
ٿو پر ٿي آس سڀ جيئي،
سڀ جو آسرو!
واه! واه! او سائين!

۱. نڌڪن جا سهارا،
اَپوجهن جا آڌار،
اَناٿن جا وسيلا،
او بيواهن جا ڀيلا،
غريبن جي تون دولت،
اپاڳن جي تون قسمت.
پرين ٿو جهول خالي،
تنهنجي سرڪار اعلى.
وڏو آ مانُ تنهنجو،
بُلند آ شانُ تنهنجو.

١. سچا ڪرتار نانڪ.
تنهي لوڪن جا مالڪ.
سڀي سرڪار تنهنجي.
سڀي دربار تنهنجي.
سچو آنام تنهنجو.
سچو آڌار تنهنجو.
کيون جئڪار تنهنجي.
هِئين جا تار تنهنجي.
جڳت آڌار تنهنجي،
کيون جئڪار تنهنجي
(سهڳان) جئه ٻوليو نانڪ شاه جي ... .

٢. نماڻن ماڻُ آهين.
سدائين ساڻُ آهين.
غريبن جا وسيلا
حمايت، پشت، حيلا.
سدائين ڪجه سٽائي.
وڏي تنهنجي وَڏائي،
پيرا تون پريندين.
سدائين وينو ڏيندين.
اَسان جي آس تون ئي.
آڌارُ وشواسُ تون ئي
(ڪورس) جئه ٻوليو نانڪ شاه جي ... ...

٣. جهڪيا جي تنهنجي ساهمُون.
نه جُهڪندا ڪنهنجي ساهمون،
تون خود مختيار آهين.
وڏي سرڪار آهين،
سچو سنسار تنهنجو،
ڪُلي جنسار تنهنجو.

فقط تنهنجو رهڻ مان .
نه ٻئي ڪنهنجو ٿيان مان .
ڇهين ٿيون ٻه هجان مان .
پلي ڇيٽ پيي رهان مان .

۴. مون کي ڪا چاهه ناهي .
ٻي ڪا راهه ناهي .
سڄو سنسار ڪوڙو .
هي گهر-ٻار ڪوڙو .
خزانا ڌوڙ آهن .
جو هلڻا ساڻ ناهن .
سچو آ نانءُ تنهنجو .
سچو آ گيانءُ تنهنجو .
ملي تنهنجو سهارو .
نه ڀوءِ آ خوف ڇاجو .
تري سنسار وڃبو .
ڏکن کان پار وڃبو .

(٦)

• جوتيون جلايان   اکو پائي جل کي ڏيايان .
پنهنجا ڳايان مان تنهنجي ٿانءَ تي !
سيس نوايان   صدق سان پلءُ ٻ پايان .
صدقي وڃان جلپت ڀڳوان تي !!
• ڪشٽ ڪٽين ٿو سائين جهول ڀرين ٿو .
سڀ تنهنجي وس آهي !
در دنيا جا سڀا مون پيٺا .
تو جهڙو ڪوئي ناهي !!
جوتيون جلايان ... ...
• جهولڻ جي در جي مهما نياري !
قدمن ۾ تنهنجي دنيا ساري !!

ذٖي :- گوري هٿن ڪلائيان.....

نه ڪو تنهنجي برابر.
اِهو سچ آ سراسر،

آڪاشُ آهِ ٿالهہ، سج چنڊ جا ڏِيا.
ڏينهن - رات ڪَنِ پيا ٿا.
تنهنجي ئي آرتي.
واه ! واه ! او سائيِنءَ !

٢. نَڪو گهرجي ڪا دؤلت.
نَڪو گهرجي حڪومت.
نَڪو سنسارُ گهرجي.
تنهنجو بس پيارُ گهرجي.
اَسين تنهنجا ديوانا.
تنهنجي در جا مستانا.
رهيون ٿا تون نظر ۾.
وسين ٿو ٻَرَ ٻَرَ ۾.
هيءَ جياتَو ۽ ڏوپَ دُنيا.
تنهنجا ئي روپ دُنيا
ڪنڌ ور جا او نور ! بيوس جا سهار !
تنهنجيءَ ديا جي معنيٰ.
ڪُنَ ۾ نه ڪنار !
واه ! واه ! او سائين !

٣. مون کي آڌار تنهنجو.
کپي ٿو پيار تنهنجو.
منهنجو دلدار آهين.
اکين جو ٺار آهين،
گلي جو هار آهين.
سڀ جو سردار آهين.
نشو اهڙو پيري چڙ.
مون کي بيخود ڪري چڙ.

١. مسڪينن ني مهر وَسائين تُو سَدا ،
ٻيڙيون ٻيڙا پار لڳائين تُو سَدا ،
ٻرپٽ ۾ پيي باغ لڳائين تُو سَدا ،
درد منڊن جا درد مِٽائين تُو سَدا ،
آمر اُڏيرا ! آئِ جيون ۾ ،
ڏيهن سڀاڳا چڱا !
جَهما ... ...

٢. نربل نرڌن ٻيوس جو آڌار تُون ،
جنهنجو ڪوئي ياورُ نه تنهنجو يار تُون ،
پل پل هر ڪنهن کي ڏين وينو پيار تُون ،
سُک جو ساگر راکو رکڻهار تُون ،
لهرون تنهنجون موج مچائين ،
جو نيئن لائي جَهما !
جَهما ... ...

(68)

۱. جل سان سارو جڳت ھلائين .
جوتين سان تو ڳيان وڌائين .
شڪتي ڀڪتي جا اوپنڌار !
دنيا ھلي ٿي تنھنجي دان تي !

امر لال جو آ جنھنکي آسرو .
تنھنجا پيرا نرندا !
لڳ ويري ھڪ وار به تنھنجو .
ونگو ڪري نه سگھندا !!
جوتيون جلايان ... ...

۲. مڌر منوھر مورت پياري .
جنھن به پريم سان من ۾ وھاري .
تنھنجي زندگي ٿي وئي بندگي .
آنڌي پڇر تون آن ڏيان تي !
جوتيون جلايان ....

(٧)

جھما جھما جھولي .
جھما جھما جھولي جھما !
جوتين ۾ تون ئي .
لھرن ۾ تون ئي .
ھُتي ھِتي تون ئي .
جتي ڪِٿي تون ئي .
ٻئي ڪنھن ڏي ڇو مان وڃان ؟
تنھنجي اڳيان ڇو نه گھنگھرو پايان .
نچان مان، ڇما ڇم ڇما !
جھما ....

ڏِنِ : ٿما ٿما لوڪي .

بلنديءَ کي ڇهڻ لاءِ هڪ اهم ڏاڪو
ڪري ميمبو آهي !

پوڳِيه، ٽِنباڳِيه، ٽَڙِپُ ۽ پَهُڇُ !

ڪَوِتائُون

(1)

ويندڙ ويٺل کي ٿو ڏاڍا سُورَ ڏِئي ،
ڪرم جو چڪر پورو ٿو اِن ريت ٿئي ،
ڪهڙي جنم ۾ ڪوئي ڪنهن سان ڪيئن هليو ،
ڪهڙي جنم ۾ ڪنهن ٿو ڪنهنجو خونُ پيئي .

(2)

جيئڻ لاءِ نه جُٽِ آهه .

ڪرم- ڦل جو درشن ،
پنر جنم جا سونهارا ،
ڀوت- پريت- پشاچ جُونين جا خوف ،
تانترڪن جا مايا- جار ،
مسانن ۾ آتمائن جا تانڊوَ- نرتيه !

ڪلندو- ڪڏندو، نچندو- ٽپندو
جهومندو، لهرائيندو ۽ ڳائيندو ،
ٻارڙي اندر جڙڻ ۾ پيهه ڏر: وِڪهه وَڌاءِ !
ڌرتيءَ جي ڪشش جو انت ٿي رهيو آهه ،
اُن ڪانهي ته ،
شونيه جي ڪيهه سگهه ۾ .
الوڪڪ آنند جي شيش ناگ تي .
سمهڻو، آرام ڪرڻو آهي !

جڏهن ۾ اُڏمڻ جي ناهي سبجا.

پرماتما ۽ پريم.

پرماتما پريم آهي. پريم پرماتما آهي!
پرماتما وانگر پريم جا پڻ ٻه درجا آهن:
ساڪار ۽ نراڪار!

پرماتما جو پڻ پراپت ڪيل ڪنهن حقيقي يا خيالي انسان جي تصوير وانگر پنهنجي پريتم جو شرير پريم جو ساڪار - سگڻ روپ آهي. اسان ان حالت ۾ پريتم جي ديهه جي سيوا به ڪري سگهون ٿا نه اُن سان سمبوگ به ڪري سگهون ٿا. اُن کي ڇهي، چمي، ڀاڪر ۾ پري به سگهون ٿا ته ڏک - ڏجهو هٿي به سگهون ٿا.

جو وقت اچي ٿو. اسان جو پريتم اسان کان جدا ٿي وڃي ٿو. ديهه تياڳي وڃي ٿو. باقي رهجي وڃي ٿي .هن جي ياد! اها ياد ئي پريم جو نراڪار ۽ نرگڻ سوروپ آهي!
پريم سان لبريز ويوگ جي پيڙا جڏهن سنسار جي حدن لتاڙي بيحد ڏانهن پرواز ڪري ٿي يا لا محدود گهرائين ۾ غوطا هڻي ٿي اُن وقت پريم جي اها پيڙا يگيتي جو روپ ۾ دڙو پراپت ڪري ٿي!
پريم جي پيڙا ۽ اُن جا رد- عمل نراڪار برهم جي 'يگيتي' جي برابر آهن!

ان ڪري ئي صوفي چنتڪن ۽ شاعرن عشق مجازي کي عشق حقيقي جي

❀ گيت ❀

اڃي وڃڻ لئه، نهي ڊهڻ لئه
ملڻ جي معنيٰ وڇڙڻ بار !
جڳ جي ريت اِها ئي آهي،
ڏک جو ڪهڙو ڪارڻ يار !

١. هڪ ڏينهن پاڻيءَ، ٻئي ڏينهن ڪوئيءَ،
هڪ ڏينهن ويجهو ٻئي ڏينهن ڏور،
هڪ ڏينهن نوڪي جو سونهيو ويو،
ٻئي ڏينهن ٽٻو سوارپڻُ يار !
ڏک جو ڪارڻ ... ...

٢. بازيگر جي مايا ۾ جي،
ڦاٿو آهين بازي کيل،
آنند ماڻ تماشي جو تون،
ڪر نه ڪڏهن پر رودَنُ بار !
ڏک جو ڪارڻ ... ...

٣. ڪلندي ڪلندي ڦير سدا رهن،
نچندي نچندي راس رچاءِ،
جاڻ جڳت کي اصل جو پاڇو،
ساڳيو موت ۽ جيوَنُ بار !
ڏک جو ڪارڻ ... ...

٤. هڪڙي ايندي هڪڙي ويندي،
ڪهڙي رهڻي آهي مُنهَنَ ؟
جيون ۾ جي ڦاڳُڻُ آيو،
اڀٽو ئي هو ساوڻُ بار !
ڏک جو ڪارڻ ... ...

ڇا محبوبن ڇا نه محبوبن،
ڪيئن ڇوته ڪيون،
ڪيئن ڪيون فيصلو،
ڪيئن ڪنهن تي وشواس ڪيون،
ڪيئن ڪنهن لئه انڪار ڪيون!
جيون جي منزل موت ته آهه برابر،
پر مري ورئي واپس ته اچي نه سگهيو!
موت جو رهسيه،
مري، جي سمجهي به ويو،
ليڪن ڪنهن کي ٻڌائي نه سگهيو!
موت سدا لئه هڪ راز ٿي رهندو،
شايد اهو رهسيه ٿي،
موت جي،
ڀيانڪتا به آهي ته سونهن به آهي!

دوها (۳)

۱. آنسون تيل، زخم ڏيا، هنجهي دل بيحال!
ڏکيو ڏياريءَ جو پرب، ڪٿي آيو هي سال!!

۲. منهن ڦيري وئي روشني، وڌي ويو انڌڪار!
پر پل ڦٽاڪن جو ٿئي هستي هڪ آڀار!!

۳. گڏهئا سبن نه پتوڻه پيو، وڇڙي آهه نصيب!
ڪاٽي ٽوڪي سڏي ويچي، دل جو پيار غريب!!

۴. هِن ڏياريءَ تي ٽوڙيي، خوب امُلهه سوغات!
گوڙهن جي وِهه پر بدل، پره جي کاري رات!

۵. دڳه ٽنهنجو روشن ڪري، مهاڪال جي جوت!
هجين جتي به اُتان پلي، موه تي گوڙها اوت!!

مايا جو سنسار مٿيا.
پر اُن جو بنياد.
ڪيترو نه منو وگيانڪ !
ڪيترو نه مضبوط !!

تڏهن نه رشين هر ڳالهه چئي،
جيبو: نيتي ! نيتي !!

ڪرم ڦل

پرماتما جي نظرن ۾ جيڪو خراب ڪرم آهي، ڪُڪرم آهي. اُن جو ڦل، سزا جي روپ ۾، جيڪڏهن ڪنهن انسان وٽان مون کي ملي ٿو ته جڻ ڪرم ۽ ڦل جو هڪ سلسلو جاري ٿي ٿو وڃي ڇو ته ٻئي جو مون سان ڪيل وهنوار جيڪڏهن مون لاءِ ڪڪرم جو ڦل يعني سزا آهي ته سامهون واري لاءِ اهو خود هڪ ڪڪرم آهي جنهن جو ڦل يعني سزا هن کي ڀوڳڻي پوندي.

پر جيڪڏهن مون کي ڪنهن خراب ڪرم جي ڦل جي روپ ۾ سزا پرڪرتيءَ وٽان ملي ٿي ته پوءِ ڪرم ۽ ڦل جي چڪري کي اُتي جڻ ته پورڻ ورام اچي ٿو وڃي. ڪرم ۽ ڦل جو سلسلو اڳتي نه ٿو وڌي.

مون ڪنهن کي ڏوکو ڏنو، ڪنهن ٻئي مون کي ڏوکو ڏنو. ڪرم ۽ ڦل جي چڪر جي جڻ ته شروعات ٿي وئي.

(٥)

✿ دوهو ✿

آتشبازي تان ميان، ڪال جي هٿ ۾ باهه!
ڪولي در ٻيٺو سمهٽ، پوڄهه ڏيهه جو لاهه!!

(٦)

ڪاڻ ته آهه سنسار،
وڪارن جو گهر.
پرمن۔ سنسن جو آشرم،
روڳي، بد بُودار،
ان لاءِ آنشم گتي.
سواها! سواها! سواها!
پر اُن گند۔ ڪچري ۾،
ڪمل نواس ڪري ٿو!
آتما!
جنهن کي ٽٻي طَمَعُ ڪرڻي آهي.
سڀي ۔ سموري ياترا!
اُها به اِن لئه،
ديهه جو پڃرو ٽٽندي ئي،
آزاد اُڏام پري ٿي!

اسان پاڻ وٽ رکي سگهون ٿا.
ديهه جي حوالي سان،
ياد جي سوغات!
ڪرم۔ ڪانڊ ڪريون ٿا،
دان۔ پُنيه ۽ شراڌ ڪريون ٿا.
ياد جي سوغات کي،
تازو توانو رکڻ لاءِ۔
ياد جي ڦُولَ کي،
سگنڌ بين سان،
ڀرپور رکڻ لاءِ!

جنم لگنم



جنم: ۲۲ نومبر ۱۹۳۷ (۱۸ کارتک ۱۹۹۴)
سومر : دیبٹھن .
جنم نام: ھیرو .
پرسنز نام: منوھر .

جنم لگنم



جنم : ۳ فیبروری ۱۹۳۸
جنم نام: دروپدی
پرسنز نام: سُشما (دواہ جر)
منیو : ۲۴ جون ۱۹۹۷ منگلوار صبح ۶-۳۵ بجے .

موں ڪنھن کي ٺوڪو ڏنو. قدرت اُن ٺوڪي
جيترو يا اُن کان به وڌيڪ منھنجو نقصان
ڪري ڇڏيو. ڪنھن به روپ ۾. نه سمجھيو
ڪرم ۽ ڦل جي سلسلي جو انت ئي ويو.
اُن کي توهان چاهيو نه آخرين فتوي
(Last Judgment) چئبي سگھو ٿا.

ڪنھن کي ڏوھ نه ڏيو. ڇونه ڪنڊن ٿلين
جي گلي ۾. ڏور وڏي آلا ڏاهي!

منوهر بيدي. ساهتيه	منوهر بيدي جگديش لپائي اسڪرپٽ ساهتيه
چپيل: ڪاويه: ١. رات رهندي نه سدا. ٢. جھرمر ٣. گيت ٤. سراپيل ٻگه. ٥. ٻکي اُڏاميو ڏبيس. (ديو+عربي) ,, : اُپنياس:- ١. ٻئُونئي ڪئين. ٢. آنسن جو رشتو. ٣. ڪاري چانڊني. ٤. گمراھ ,, : ناٽڪ:- ١. پنجون شخص. ٢. رنگ پوُمي (ايڪانڪيون) ٣. روپڪ (ريڊيو ناٽڪ) ,, ڪهاڻيون:- ١. هراسيل پيڙهي	١. جوڳي جادو لائي ويا. (ڪ.ھ.ڊ. جو انعام مليل) ٢. ڳليءَ ڳليءَ لڳو ڳاڀان. ٣. ٻوُ ڦٽي پوپٽي. ٤. ڪر بونه تنھنجو ڪيبر. ٥. جل ۾ جو نئين وارو. ٦. نيٽيڻ ننڊ حرام. ٧. حق ڪوئي ڪسي نه سگھندو. ناول اُپنياس. ١. ملي ڪبو مقابلو.

① اِتهاس.

آڪٽوبر ١٩٦٥ع ۾ منهنجي شادي ٿي. ١٩٦١ع جي شروعات ۾ مون هڪ کنڊ-ڪاويه لکڻ شروع ڪيو. جنهن تي نالو ڏنم: "هوءَ ۽ تون!" اهو کنڊ ڪاويه لکڻ جي مراد اِها هئي ته هڪ عاشق مزاج شاعر جي زندگي شاديءَ کان اڳ ۽ شاديءَ کان پوءِ ڪيئن ٿي گذري ۽ اُن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون تبديليون اچن ٿيون. هڪ رنگين طبيعت شاعر شاديءَ کان اڳ ڪيترين ئي ڇوڪرين/عورتن سان جسماني/جذباتي تعلقات رکي ٿو. زندگيءَ جي ان حصي کي مون "هوءَ" ڀاڱي ۾ قلمبند ڪيو.

شاديءَ کان پوءِ آواره طبيعت ۽ هرجائي خيالن کي هڪ مخصوص دائري ۾ قيد ڪري پنهنجيءَ پتنيءَ جي اڳيان پيش ڪرڻو پوي ٿو. اها تبديلي ڌيري ڌيري سڀاءَ جو حصو بڻجي ٿي. اِهو ئي سبب آهي جو "تون" ڀاڱي وارين شروعاتي ڪوتائن/رچنائن ۾ هڪ قسم جي اُچاٽائي بيرخي ۽ ڏوري؟ ڪنهن سان جُڙڻ جي ڀاونا صاف ظاهر آهي. نه چاهيندي ۽ بنا ڪوشش جي من جي تصوير ظاهر ٿي وئي آهي.

ڪيئن سال گذري ويا. "هوءَ ۽ تون" کنڊ-ڪاويه اڻپورو ئي پيو رهيو. پنهنجين الڳ الڳ رچنائن کي جڏهن اُٿلائي-پٿلائي ڏسندو هوس ته اِهو کنڊ ڪاويه به ٻين ڪيترن ئي کنڊ-ڪاوين سان گڏ نظر ايندو هو ۽ وري ٻين رچنائن سان ملي ڪيٽ ۾ بند ٿي ويندو هو. وقت گذرندو رهيو. "هوءَ ۽ تون" کنڊ-ڪاويه منهنجي لاءِ ڪا ئي خاص قسم جي ڪشش يا ڇڪ ڪونه رکي ٿي.

مَنوهَرُ ٻيدِي

جنم	ڪنڊيارو (سنڌ) ۲۲ نومبر ۱۹۳۷.
تعليم	ايم. اي (هندي، انگريزي، سنڌي) بي. ايڊ.
شادي	آڪٽوبر ۱۹۶۰ (اَجمير) (عجب ! تاريخ ياد ڪونه آهي !!!)
پتني	سُشما (دروپدي) ۳ فيبروري ۱۹۳۸.
نوڪري	ايس. آر. سي. آديپور (ڪلارڪ-ٽائپسٽ) ڪنڊلا پورٽ پراجيڪٽ. گانڌيڌام (جونيئر ڪلارڪ) سنڌو ايڊ. سوسائٽي - الهاس نگر (ماستر) (جولاءِ ۱۹۶۲ کان نومبر ۱۹۹۵ تائين)
اولاد	۱. گريش - ۱ فيبروري ۱۹۶۳. (شادي ۲۵ ڊسمبر ۱۹۸۶ (آروٽا) سان) ۲. سنيل - ۵ مئي ۱۹۷۵. (شادي ۹ فيبروري ۱۹۹۷ (جيوتيءَ سان)

سُشما جو ديهانت: ۲۴ جون ۱۹۹۷.
(منگل: صبح جو ۶-۳۰ ٻمبئي)

"پکي اڏامبو ڏسين" ڪند. ڪاويه ۾ سنساري رشتن
جي بنياد ۾ موجود جذبات جي اندر ڏنشين رنگن جي
صداقت ۽ سچائيءَ سان ڀرپور انيڪ ڪڙيون موجود آهن.
هن ڪنڊ ڪاويه جي پسندگيءَ جي سبب ڪيترائي آهي يا
ٿيندي اهو مان چئي نه ٿو سگهان چوڻ ته ڪنهن به رچنا
جي پسندگيءَ جو دارومدار سامهون واري انسان جي دلي
ڪيفيت، جذباتي حالتن ۽ زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل
تجربن ۽ حادثن تي رهي ٿو.

هن رچنا جو سهارو وٺي مان هڪ ڳالهه صاف
صاف چوڻ چاهيان ٿو ته عموماً منهنجون جمليون رچنائون
پنهنجي لاءِ، پنهنجي جذبات کي سهارو ۽ اظهار ڏيڻ لاءِ،
پنهنجي من کي وندرائڻ لاءِ ۽ پنهنجي تمنائن جي
تشنگي مٽائڻ لاءِ وجود ۾ آيون آهن. مان دنيا کان
الڳ هستي رکان ٿو؟ دنيا مون کان الڳ وجود ۾ آهي؟
مان دنيا آهيان، دنيا مون ۾ آهي.

سنسار ڇا آهي، رشتا ڇا آهن. مولا جي
جڳ ۾ ڇا آهي. واسنائن جون مرگه ترشنائون
ڪيترين جا ڀلبوا آهن؛ پيار جو روپ ۽ آڪار
ڪهڙو آهي. پيار پوڄا جي صورت ڪڏهن ۽
ڪهڙين حالتن ۾ اختيار ڪري ٿو. شرير جي بدبوءِ
آتما تي حاوي ٿي پوي يا آتما جي خوشبوءِ شرير کي ئي
معطر ڪري ٿي ڇڏي. موت پورڻ ورام آهي يا
ارڌ ورام. هستيءَ جي مڪمل ياترا ۾ موت ۽ زندگيءَ
جي ڪهڙي ضرورت ۽ اهميت آهي. موت سدائين
لاءِ جدائي ٿي وڃڻ جي ڪريا آهي يا ٻيءَ جڳهه تي ٻئي

زندگيءَ ۾ جيڪي اُتار اُتلون پٿلون آيون ۽ جيڪي
مسئلا اوچتو ڇاهي آهستي آهستي اڀري وانگر سامهون
آيا اُنهن کي مون ۽ سُشما گڏجي منهن ڏنو سين.

ٻاهرون اُڇاٽرو سطحي ۽ ڪن حالتن ۾ ناپسنديءَ
جي ميل پاچوار ڇڏيندڙ ٻني - پٺنيءَ جو رشتو پيپل جي
وڻ وانگر اندران ئي اندران دل جي اندرين تهن ۾ وڌيو
جڙون ڦهلائيندو ۽ مضبوطي حاصل ڪندو.

مئي ۽ ١٩٩٧ جي پهرين پک ۾ سشما جي لور (Liver)
جي ڪينسر سامهيءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿي ۽ ٢٤ جون ١٩٩٧
منگل جي ڏينهن پرڀات ويلي ٦-٣٠ بجي هوءَ
اسپتال جي ڇڪر وڇوڙ مان ۽ زندگيءَ جي لاهين چاڙهين
کان هميشه هميشه لاءِ ڇٽي ٿي ويئي ۽ منهنجي
مان ڳوڙهن سان آلا ٿيل لفظ نڪتا: "پکي اُڏامي ويو ديس!"

اِجهو ان طرح "هوءَ ۽ ٿون" جي عنوان سان
شروع ٿيل ڪتاب کاوجه "پکي اُڏامي ويو ديس" جو نالو.
ڌارڻ ڪيو ۽ پٺيءَ جي طرفان پٺنيءَ کي ارپڻ ٿيل
هڪ لنبي شرڌانجلي بڻجي ويو!

❀ "پکي اُڏامي ويو ديس" جي ترتيب ❀

		ڪوتائون	صفحا
ويوگ - کنڊ	هُن بابت	33 ،	5 - 22
سنيوگ - کنڊ	سُشما سان شادي	12 ،	23 - 29
وئراڳ - کنڊ	سُشما جو موهيو	36 ،	30 - 57
انتم آڌار		7 ،	58 - 69
جڏهن ۽ اُڏهن جي ناهي سيما		6 ،	70 - 76
		2 اُدڪا	

جيڪا اُن وقت اجمير ۾ رهندي هئي.

مان خوش ٿي ويس. منهنجي جنم-پتري ٺاهيندڙ برهمڻ چيو هو ته مان راجائي طبيعت جو انسان ٿيندس. اُن گفتي جو صاف صاف مطلب اِهو ٿيو ته مان خود ڪوئي به ڪم ڪرڻ نه چاهيندس. عياشيءَ ۾ مَن مَوج سان ڀرپور زندگي پسند ڪندس. ٻين کان ڪجهه به وٺندي يا قبول ڪندي ذرا به شرم ۽ حيا محسوس نه ڪندس. چيو ته عام جنتا کان ٽيڪس وصول ڪرڻ راجا جو ڌرم به آهي ته فرض به آهي. گهر جمائي ٿيڻ راجائيءَ جي برابر ئي آهي. هٿ-پير هِلائڻ ۽ محنت ڪرڻ کانسواءِ ئي سڀ ڪجهه ملي ٿو وڃي. عورت به ته دولت به! رهي ڳالهه عزت-خودداريءَ ۽ مردانگيءَ جي، سو اهو وڏو ماڻهو ٿي ڪهڙو وڃڻ کي هر قسم جون ڳالهيون ته ملن!

پر منهنجيءَ ماءُ ستيا ما جا خيال منهنجي اَنسٽن جي بلڪل اُبتڙ هئا. هن صاف صاف لفظن ۾ اوم پرڪاش ڏانهن انڪاري جواب موڪلي ڇڏيو. منهنجيءَ پيا ڪرڻ ٿي پٿو پيو ته دهليءَ جي اُن سرداريءَ کي گهر جمائي هلي ويو آهي! اها ڪري منهنجيءَ ماءُ ڏانهن منهنجي ناراضگي سوا وڌي هئي.

1960 جي شروعاتي مهينن ۾ ئي منهنجيءَ ماءُ کي نوبدڙي (اجمير) ۾ رهندڙ اُداسيءَ ٺڪاڻيدارن جي ڌيءَ دروپدي پسند اچي وئي هئي. سنهڙي، سهڻي، سياڄهڙي، شرميلي ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ ڇوڪري منهنجي ماءُ کي هڪ آدرش نُونهن جي روپ ۾ نظر آئي ۽ اکين جي رستي دل ۾ گهر ڪري وئي! منهنجي ماءُ به

ھوپ ۾ ملڻ جو رستو!

جڏهن ان قسم جي سوالن جي جار ۾ ڦاسي وڃبو ۽ اکين مان چار ڳوڙها ڳاڙڻ چاهين ٿا" پکي اُڏامو ديس" جون عجهه ستون پڙهجان ۽. جڏهن سوالن جا جواب رڪار ٿيندو ۽ ته جڏهن ڳوڙهن مان سوالن جا جواب ملندا ۽ وري جواب ڪي نون سوالن ۾ تبديل ٿي ويندو! 5.12.97

(2)

هتي مون لکيو آهي ته "ٻاهرون اُجايو، سطحي ۽ ڪن حالتن ۾ ناپسنديءَ جي ميلاپ جو اُن ڇڏيندڙ پيٽي-پنني جو رستو....." جيئن ته اِهي لفظ مون سُشما جي حوالي ۾ چيا آهن ۽ اُنهن لفظن مان ڪنهن به قسم جون غلط معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون. اِن لاءِ ڳالهه کي خلاصو ڪرڻ ۽ دل جي صحيح صحيح حالت بڌائيندڙ سمجهاڻي پيش ڪرڻ آسان ضروري ٿي ٿو پوي!

1959 جي ڳالهه آهي.

اُن وقت مان ڪنڊلا پورٽ پراجيڪٽ جي گانڌيڌام آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪ-ڪم-ٽائيپسٽ هوس. ڪانپور ۾ رهندڙ منهنجي هڪ رشتيدار اوم پرڪاش گوسواميءَ مون کي خط لکيو ته دهليءَ جي هڪ وڏو سردار ٽي پنهنجيءَ اڪيليءَ ڌيءَ لاءِ هڪ گهر جمائيءَ جي تلاش ۾ آهي. اهو به لکيائين ته اُن سردارٽيءَ جو پنهنجو ڪوئي ويجهو عزيز ڪونه آهي ۽ سندس موت کان پوءِ سڄيءَ جائداد جا مالڪ سندس ڌيءُ ۽ ڄنائي ٿيندا. اوم پرڪاش اهڙو خط منهنجيءَ ماءُ ستيا ما کي به لکيو هو.

پوليس اسٽيشن جي هيڊ جي ڌيءَ کي مون هندي
پڙهڻ ۾ ڪوڙ امتحانن لاءِ مفت ۾ پاڙهيو هو.
ڪجهه سال اڳ شايد 1956 ۾ جڏهن مان خود اجمير
۾ رهندو هوس! اٽڪل سورهن ڪن سالن جي عمر ۾
يعني 56-1953 ڌاري مون اجمير جي 25 ڪن سنڌي
ماسترن ۽ هيڊماسترن کي خانگي طور هندي پاڙهي
هئي. ڇو ته راجستان سرڪار پرائمري اسڪولن جي سنڌي
اڌيندي پاسي ماسترن لاءِ هنديءَ جو هڪ خاص امتحان
پاس ڪرڻ لازمي ٺهرايو هو. مان خود هنديءَ پرڀاڪر
پاس هوس. جيڪو سرڪاري طور بي. اي جي برابر
ليکيو ويو هو.

شاديءَ جي پهرين ڏينهن تي مون ۽ سُشما
فوٽو ڪڍايو سي. جيڪو هن ڪتاب جي آخرين ڪور پيج
تي ڏنو ويو آهي. ڇوٿين يا پنجين ڏينهن رات جو
خالي رستن تي گهمندي ڦرندي مون سُشما کي
پنهنجين اڻ ڳڻين ڪمين بابت- اسڪل جسماني
رشتن جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو. سُشما
تمر تا پريءَ لاپرواهيءَ سان چيو: "پرواهه ناهي! هاڻي ته
منهنجا آهيو!"

سُشما جي ان جرئت، همت، فراخدليءَ، سياڻپ
۽ اُتم. وشواس مون کي نه فقط لاجواب ڪري ڇڏيو.
بلڪ هن جو مرتبو منهنجين نظرن ۾ ڪافي بلند
ڪري ڇڏيو! سُشما جي منهنجي مٿان اِها پهرين
جيت هئي. جيڪا پوءِ ڏينهن ڏينهن ڦهلجندي وئي.
ڦلندي ڦولندي وئي ۽ آخر منهنجيءَ سڄيءَ

۾ ڇتو ماڻهن مان هڪ هئي. وٺي نه وٺي. ڪپي مڱي اڪپي.
ڇوڪريءَ جي مائٽن جي پٺيان پوٽ وانگر لڳي وئي ۽
سامت جو سپاهيڪ. سالا تڏهن ڪنيا ٿين جڏهن
ڇوڪريءَ سان منهنجي شاديءَ جي پڪ ورتا ٿين.

سيپٽمبر ١٩٦٠ ۾ اجمير مان مون کي خط
مليو: "پت منل (منوهر جو لگهو روپ) جلدي اچ. ڇوڪري
اچي ڏس ۽ پسند ڪر. تنهنجي شادي آڪٽوبر ۾ طئه
ٿي آهي." دل جي عجيب حالت ٿي وئي. فيصلو نه ٿي
ڪري سگهيس ته خوش ٿيان يا ناراضگي ظاهر
ڪندي غصو ڪريان. ڪڏهن محل ٺهن ۽ سينگارجن
پيا ته ڪڏهن اڙدگرد ڪنڊهر ۽ مٽي جا ڍڳ ٿي نظر آيا.

آڪٽوبر جي پهرئين هفتي ۾ تار آئي: "دهوپڌيءَ
جي پاءُ جو ديهانت ٿيو آهي سو شادي هفتو ڪن ڏيڍ
سان آڪٽوبر جي پوئين پڪ ۾ ٿيندي." مون سوچيو:
ڇوڪريءَ جي مائٽن مون کي زبردست بدنصيب ۽ ٻين
لاءِ اپسوڻي سمجهندي. مگر ٿي شادي ڪئنسل ڇو نه
ڪري ڇڏي!

تاريخ ياد ڪونهي پر شادي شايد آڪٽوبر
جي آخرين هفتي ۾ ٿي. رات جو ١٠ بجي ڪن پوليس
جي جيپ ۾ چڙهي ٻئنج باجن سان وجي کواريتن
جي گهر پهتس. منهنجي ماءُ ڏکي بازار ڪان توب ڏڙي
ڦاٿيون سڀو رستو نچندي هلي! وات تي مدار گيٽ
وٽ پوليس وارن مون کي قبول. مالها پاتي! پوليس
جي جيپ ۾ ڪنوار ٽين فا ٿين وجڻ ۽ پوليس وارن
جو قبول مالها پهرائڻ جو سبب اِهو هو جو مدار گيٽ

آواز ۾ مون کي چيو: ”سائين، پتني پتيءَ جو اڌ-سرير مڃي وئي آهي. هوءَ پتيءَ جي پاپ-پنيه ۾ برابر جي حصيدار آهي. توهان جا پاپ مون کي ڏکائي چڙهندا آهن.“

مان چاهيان ها ته ڪيئن ثابتين سان سمجهائي سگهان ها ته مان نه ڪو پاپي آهيان ۽ نه ڪو گنهگار. پر مون رستوئي ٻيو اختيار ڪيو. مون سشما جو هٿ پڪڙي ۽ آسمان ڏانهن منهن ڪري چيو: ”هي سرو-وياپي، سرو-گيه ۽ سرو شڪتيمان پرماتما! مان سچيءَ دل سان گهوشنا ٿو ڪريان ته منهنجن پاپن ۾ مون سان ٻيو ڪوئي به شامل نه ڪيو وڃي. نه پتني ۽ نه اولاد! مون کي منهنجن پاپن ۽ گناهن جي سزا اڪيلي سر ڏني وڃي. پاپن ۽ گناهن ۾ ڪوئي به منهنجو ڀاڱي ڀائيوار نه بڻايو وڃي.

”هي پرم پتا، ائين ئي مان ضرور چاهيندس ته منهنجن پنن ۾ پلي سپنيءَ کي شامل ڪيو وڃي. مان گناهن جي سزا اڪيلو ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان. پر ثوابن ۽ پنن جا ڦل ونڊي ورهائي کائڻ چاهيان ٿو.“

اُن ڏينهن کان پوءِ سشما نشچنت ٿي وئي!

مون کي اهوئي کپندو هو. سشما جو چنتا-رهت من ۽ چهرو! ڪوئي مڃي يا نه مڃي پر ڪائي شڪتي برهمانڊ ۾ اوس موجود آهي جيڪا الک، اپيدا، اروپ، اگم، نرگڻ ۽ نراڪار هوندي به سڀني سرشٽيءَ کي نڀائي رهي آهي، هلائي رهي آهي ۽ نت نئين ليلائون ڪري رهي آهي ۽ راسيون رچائي رهي آهي!

(۲۰۰۲) مور ڪه هوندا اسين اسين جو پاڻ کي ڪرنا

مڃي پيا ڏکه ڀوڳيندا اسين! اسان نه هڪ وشال چوڙ

هستيءَ تي غالب پئجي ويئي . 6.12.97.

3

ڪجهه عرصي کانپوءِ مون کي پنهنجي بابت ڄاڻ پئي ته مان ٻٽي شخصيت جو مالڪ آهيان: هڪ روپ ۾ "ڪُنل ڪل ڪامي" ته ٻئي روپ ۾ ساڌڪ پوڄڪ جگيا سوُ" سشما شايد ٻٽي شخصيت جي منو وگيانڪ مجبورين کي ڪونه ڄاڻندي هئي. ان لاءِ اڪثر مون کي چوندي رهندي هئي- هيءُ پون ساڌنائون پوڄائون ڪرڻ ڇڏي ڏيو. گيان پراپت ڪرڻ کانپوءِ به پنهنجن وڪارن کي وس ۾ نه ٿا رکي سگهو! انهن ڇوڪرين ۽ عورتن مان آخر توهان کي ملي ڇا ٿو؟ مان اڪثر کيس مذاقيه نوع ۾ جواب ڏيندو هوس." سشما پرماتما جي اِڇا ئي اِڇا آهي. آتما کي ڏکي نه ڪر. منهنجو گيان به هُن جي اَرپڻ آهي ته واسنائون به هن کي ئي ارپڻ آهن. مان ته فقط هڪ نمت- ماتر آهيان!" سُشما بناوٽي غصو ڪندي چوندي هئي: "گيان جو آڌار وٺي واسنائن ۾ پاپن کي پرماتما جي اِڇا چوڻ وڏي ۾ وڏو گناهه آهي. ڪجهه ڏکي هلو."

1975 جي مئي ۾ منهنجي پرسنل ڄاڻ ۾ نومبر ۾ مون پنهنجي جڳهه خريد ڪئي. مان سڄا سارا چوڏهن سال الهاسنگر ۾ مسواڙي جڳهين ۾ ڀٽڪندو رهيس! پنهنجي جڳهه خريد ڪرڻ ڪري سشما بيحد خوش هئي.

هڪڙي ڏينهن سشما ڌيرج سان ۽ ڌيمي

لکيون آهن. ناٽڪ لکيا آهن، گيت ۽ غزل لکيا آهن. پر جيترو ان جو قدر ٿيڻ گهرجي ها، نه ٿيو آهي. ان ڪري ڪيترائي دفعا هو واجب ڪهڙو ٿي ويندو آهي. ان جي سڀاءَ ۾ چڙ اچي ويندي آهي. هن کي هو اهڙا سبق چٽي ڏيندو آهي. جيئن سندن منصوبن ۾ گهڻيون چالبازيون کي ننگو ڪري ڇڏيندا آهن. هو منش ۽ ويڙ-وڙهڻ جي پاوتائن کان ڪافي مٿي آهي.

زندگيءَ هن کي ڪافي ڀوڳايو آهي. موت کي هن تمام نزديڪيءَ کان ڏٺو آهي. پنهنجي عزيز ۾ عزيز ارڌانگنيءَ کي ڪال ديوتا جي هٿن ۾ ويندو ڏٺو آهي. پر پوءِ به هو ٽٽو ناهي ۽ وقت سان مقابل آهي. جون به موت کي تمام ويجهائيءَ کان ڏٺو آهي. موٽي جو ٽوائيءَ به موت جي خوفناڪ ڏيک کي ڀوڳيو آهي. هان به انهيءَ ساڳي اسٿتيءَ مان لنگهيو آهيان. ان ڪري مان ٻيڏيءَ جي Intensive درد کي چڱيءَ طرح محسوس ڪري سگهان ٿو. "پکي اڏاميو ديس" ۾ اسان ڪويءَ جي دردمند دل جو درشن پائي سگهون ٿا. هيءَ رچنا نه نظم آهي ۽ نه نثر. ٻنهي جو سنگم آهي هيءَ رچنا. هندي ساهتيه ۾ اهڙين رچنائن کي "چنپو (ڇنتي نظم ڇنتي نثر) سڏيو ويو آهي. "پکي اڏاميو ديس" حقيقت ۾ "چنپو ڪاويه" آهي.

ٿي رکيل ھا آھيون جن جو مؤثر ٻج زندگيءَ خانيءَ
متاثر ڪان وڏيڪ اهميت ڪونه ٿو رکي.

ٻه لفظ منوھر بيديءَ لاءِ:

جگديش لڇاڻي.

منوھر بيدي منھنجو دوست آھي، مٽر آھي.
اسان نہ معلوم ڪيترا ڪلاڪ، ڏينھن ھفتا مھنا ۽ سال
ادبي بحثن ۾ گذاريا آھن. ڏھن سالن کان ھو منھنجي
وڏيڪ ويجھو آھي. 1987 کان جڏھن اسان گڏجي رام-
پنجواڻيءَ جي سنگيتميہ جيونيءَ ٽيلي- سيريل اسڪرپٽ
13 ڪنڊن ۾ لکي؛ نہ ڪيس وڏيڪ سمجھڻ ۽ پرکڻ
جو موقعو مليو. ھو ھڪ بھو مکي ساھتڪار آھي.
ھن کي گھڻين ئي ڪلائن جي ڄاڻ آھي. ھو فلمي مگت
۾ گيتڪار ۽ ڪھاڻي- ڪار بڻجڻ ويو ھونہ مان وري
اداڪار بڻجڻ. ٻئي اُتان ناڪام ٿي موٽيا ھئين. اسان
جي اُھا ديبل پاونا / اِڇا نہ معلوم ڪيترن سالن
بعد موڙ کاڌي، اسڪرپٽ- رائيٽرس جي روپ ۾
ظاھر ٿي. اسان جي گڏيل ڪوشش پنجاه ن، مان سمجھان
ٿو، اسان جي اُنھن اتريت پاونائن ئي ڪم پئي
ڪيو آھي
بيديءَ پال. ڪوتائون لکيون آھن، ڪھاڻيون

هاءِ اسڪول ۾ جونئر ڪاليج ۾ منوهر جي بدلي ٿي اچڻ ڪانپوءِ واقفيت دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي. ٻنهي دوستن ساڳيئي سال ساڳيئي ئي اسڪول ۾ جونئر ڪاليج مان رٽائر ٿيو.

" پکي اُڏامندو ديس " جو دستخط پڙهڻ ڪانسواءِ فقط اِنڊيڪس وارا صفحا 79 کان 88 پڙهڻ سان ئي سمجهي ويس ته ڪتاب ۾ ڇا آهي؟ ويچار هو ته سمورو ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ پنهنجو رايو لکان. ليکن ڪاتب موهن پريتيا ٿيءَ نڪتو لڳائي ڏني ته چوويهن ڪلاڪن اندر مان پنهنجو رايو لکي ڏيان.

جيڪڏهن مان ٻي ٻاڪيءَ سان لکڻ چاهيان ته ائين ئي لکندس ته هيءُ دوست هڪ اڻ گهڙيو ڪاٺ هو. جنهن کي ٽپي ٺاهي ٺيڪ ڪرڻ ۾ سندس پتنيءَ سشما جو وڏو هٿ آهي.

هن وقت هو جنهن روپ ۾ آهي. اهو پيش ڪري رهي آهي. سندس سگهڙ پڻ آروڻا گرهسٿي ٻيڙي.

• پکي اُڏامندو ديس " پڙهندي ڪيترن هنڌن پاٺڪن کي ائين محسوس ٿيندو ته ليکڪ اجايون پيشاڪون هيٺيون آهن. ائين هرگز ٿي نٿو سگهي يا ائين ڪيئن هوندو؟

اهڙا سوال اُٿڻ ڪانپوءِ ورهيا آهي ويچار ۾ اچڻ لڳندا. "ائين ڇو ڪين ٿو ٿي سگهي؟ ۽ ائين ڇو ڪين هوندو؟"

شيطاني دماغ ۽ انساني دل وارو شخص

ڊمار ٽيڪچوانڻي .

مونکي لکڻو هو "فرشتي جي دل وارو" هو،
ليڪن لکجي ويو "انساني دل وارو"،
هر انسان انساني دل وارو يا انسانيت سان
ڀريل ٿيندو هجي ته پوءِ شيطان، ابليس، فرشتو،
ديوتا وغيره لفظن آڻڻ جي ضرورت ئي
ڪٿي آهي!

ظاهر آهي ته هان اجائي اُپٽار ڪري رهيو
آهيان. ورنه شيطان ۽ فرشتي ـ ٻنهي جون خصلتون
هر انسان ۾ موجود آهن. ڪوبه انسان مڪمل فرشتو
ٿي نه ٿو سگهي ۽ نه اسين ڪنهن به انسان کي سڌو سنئون
شيطاني ڪمن لاءِ شيطان سڏي سگهون ٿا.

انسان ته اهڙا به آهن جن لاءِ چيو
ويندو آهي: پاهران منهن ملوڪ جو، اندر ۾ ابليس.
هاڻي اُنهن کي ڪهڙو لقب ڏجي!

دوست منوهر بيديءَ کي لڳڀڳ
ڏهن ڪان ٿي سڃاڻان. جڏهن ڪان هن سنڌو نگر
اچي وسايو آهي. خاص ڪري ايس. ڊي. اوجاڻي

ٻئي دنيا جيڪا پرپوءَ جي آهي. اوڏانهن هڪ ڏينهن پڪ وڃڻو آهي. پوءِ پل ئي گهڙي جي هستيءَ وارو ڇو نه هجي. هو ڪيترا به حيلا هلائي اُن کي اَننت ويلي ڪالَ جي جنبي مان بچائي نٿو سگهي. شاعر به پنهنجي پتنيءَ کي اننت سمي ۾ بچائڻ لاءِ سوين يتن ڪيا. پر هوءَ (پتني) شاعر کي اڪيلو ڇڏي دور ديش ڏانهن ڦري ڪري اُڏامي ويئي. شاعر وائڙن جيان گوڙها ڳاڙيندو رهجي ويو ته: پتني پتيءَ جو انتم آڌار آهي. جيئن جوانيءَ ۾ محبوبا ۽ ٻڍيپڻ ۾ ماءُ.

شاعر پتنيءَ کي سوز ڀريل نغمن جي ڪونتائن سان انتم شرڌانجلي ڏني آهي. هن جي ديوانگي جي پيڙا هڪ عذاب جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي آهي.

هنن گيتن کي اگر ساز جو سُر ملي وڃي ته پوءِ جڳن پلن جي اکين مان آنسن جي گنگا وهي ڇڻي. هر هڪ گيت سوز سان ڀريل آهي. جنهن ۾ پتي پتنيءَ جو پيار ۽ وڇوڙو بخوبي پيش ٿيل آهي. شاعر گيتن ۾ پنهنجي قلم سان ويو آهي وارو ڪندو. هن جي محنت رنگ لاهيندي، اجائي نه ويندي. هن جا رچيل گيت سورج جي روشنيءَ وانگر هڪ ڏينهن سڄي جهان ۾ روشن ٿيندا.

اُن سان گڏ شاعر ڪجهه حصو نثر جي روپ ۾ به لکيو آهي. جنهن ۾ شاعر پنهنجي جيون جو سڄو اتهاس بخوبي اثرائتي نموني پيش ڪيو آهي. هو اڳ ۾ ڪيئن هو؟ شاديءَ کان پوءِ هن جي زندگيءَ ۾ ڪيئن اُٿل پٿل آئي؟ هاڻي هن جو وقت ڪيئن ٿو گذري؟ ان مان هن جي جيون جي سچائي ظاهر ٿئي ٿي. ته هو شخص ڪهڙي شخصيت جو مالڪ آهي.

دستخط پڙهڻ ڪانسواءِ مان جيڪڏهن ائين چئي سگهان ٿو ته ڀانئڪ ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيئن رهي سگهندا ؟

دوست منوهر ٻيديءَ هن وقت تائين جيڪي به ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيا آهن، اُنهن مان هيءُ "پکي اُڏامي ويس" يادگار پسند ٿي رهندو.

هن وقت تائين هن جي ڪيتري قدرشناسي ٿي آهي. ان جي هن دوست کاجه پرواهه ڪانه ڪئي آهي. هن وقت انڪل هڪ سؤ دستخط موجود آهن. جي اڳتي هلي ضرور ڇاپي هيٺ ايندا. ان لاءِ هن ڪلپنا ساگر ۾ ٽٻيون هڻندڙ دوست جون وڏيون ڪلپنائون آهن. ۽ هي ورنسار هلي به ته ڪلپنائن ٿي. ٿوڻ !

ڪلپنائون ڪڏهن ٿيون حقيقت جو روپ وٺن. ان جو انتظار نه ڪرڻو ٿي پوندو. ڇا ايترو ڪافي نه آهي ؟ ۽ بس.

ڪمار ٽيجواڻي.
A-202، هرشا اپارٽمينٽس
سنڌونگر - ۴۲۱۰۰۱
۲۰ ڊسمبر ۱۹۹۷

مُنهنجي نظر ۾ : موهن پرتيابي.

"پکي اُڏامي ويس" سچ پچ هر هڪ انسان پکيءَ جو روپ آهي. پکيءَ کي آخرڪار هيءَ دنيا ڇڏڻي

دل سان پڙهندي پاڻ ان سان هيءُ ڪتاب پڙهندا ته
اوهان جي اکين مان به آنسون وهي ايندا. اُهو گهر ڪونهي
جنهن گهر مان ڪو نه ڪو ٻچي اُڏامي ويو هجي. واندڪائيءَ جي
وقت تو به وقت ڪڍي هڪ وار ضرور پڙهجو. "ٻچي اُڏامي ويو ديس."

سهڪار پبليڪيشن. اُلهاس نگر جو انوکو پستڪ	
" ٻچي اُڏامي ويو ديس : ڪٿا - ڪاوبه.	
رچناڪار	منوهر ٻيدي.
ڀومڪا	جگديش لڇاڻي، ڪمار ٽيجواڻي، موهن پرتياڻي.
پرڪاشڪا	آسوٽا ٻيدي. ايم.ڪام، ايم.اي، بي.ايڊ. سهڪار پبليڪيشن. 201 پرڀو آستا، راشن آفيس، اُلهاس نگر - 421005.
ڪاتب	موهن پرتياڻي. بئرڪ نمبر 52 روم - 7. اُلهاس نگر - 421001.
آفسيٽ پرنٽنگ	"نو رنگ" آفسيٽ پرنٽنگ، 48، ڀيون ماڙو، پرنس مارڪيٽ. اُلهاس نگر - 421003.
ڪور پيج	سُنيل ٻيدي.
پرڪاشن	ڊسمبر 1997.
حق واسطا	پرڪاشڪا جي اڌين.
قيمت	40/= روپيا Rs. 40/=

CS
39

پکي اُڏاميو ديسِ

(هوءَ، تونُ ۽ مان)

شاديءَ جي پٺين ڏينهن Oct. 60 منوهر – سُشما